# علم تحقيق

الهداد بوهيو



ڊاڪٽر الهداد بوهيو

علم تحقيق

نيو فيلڊس (133)

# علم تحقيق

الهداد ٻوهيو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1990ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ٽيٽيهه

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ نيو فيمس پرنٽنگ پريس
هوم اسٽيڊ هال ڇاڙهي، حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن مئي 1990ع

**قيمت**

پڪي جلد سان -/70 رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

ILM-E-TAHQIQ (Science of Research) by Dr. ALLAHDAD BOHYO Ph.D. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition May 1990. Price Per Copy Rs. 70/-

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

هيءَ ننڍڙي خدمت منسوب ڪريان ٿو هڪ
اهڙي سنڌي ڪاموري جي نالي جيڪو هرهنڌ حاضر به
آهي ناظر به آهي ۽ جنهن کي چڱيءَ ريت معلوم آهي ته
مان نااهل آهيان ۽ سندس همدرديءَ جو حقدار نه آهيان.

— الهداد ٻوهيو

# شڪرگذاري

مصنف مسڪين سڀ کان اڳ ۾ نيشنل بوڪ ڪائونسل آف پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل محترم فهميده رياض جو ٿورو مڃي ٿو، جو سندس ذاتي دلچسپيءَ کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل هي ڪتاب اشاعت هيٺ اچي نه سگهي ها ۽ جيئن ٻين ادارن سنڌ ريسرچ ڪائونسل کي ذهن کان ٻاهر رکيو آهي، تيئن هي ادارو به اسان ڏانهن توجهه نه ڪري ها. هن باري ۾ مرڪزي محڪمي تعليم ۽ وزير تعليم سائين پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه جون چڱايون ياد رهنديون ۽ سنڌ ريسرچ ڪائونسل جي لاءِ توجهه جو مرڪز رهنديون.

ان کان پوءِ مصنف تي شڪريو واجب ٿئي ٿو ”نيوفيلڊس پبليڪيشنس“ جي مالڪ جناب فيروز احمد ميمڻ جو، جنهن ڪتاب جي شايع ڪرڻ جو ذمو کنيون، وڏو توجهه به ڏنائين.

مصنف تي ڪمپازيٽر ادي غلام سرور جو شڪريو اهڙيءَ ريت لازم ٿئي ٿو، جهڙيءَ ريت به شريڪ پورهيت گهٽيءَ ۽ گڏيل محنت کان پوءِ پگهر اگهي هٿ ملائين ٿا ۽ تني سج ۾ وڻ جي ڇانوَ هيٺ ويهي ڪيل ڪم جو جائزو وٺن ٿا ۽ باقي رهيل ڪم جي باري ۾ غور ۽ فڪر کان ڪم وٺن ٿا.

مان غلام سرور کي پنهنجو شريڪ پورهيت دوست سمجهان ٿو ان ڪري ان جي تعريف جي بجاءِ ان سان صرف هٿ ملائڻ ٿي ڪافي سمجهان ٿو، جو اهو اسان جو پنهنجو سوال آهي.

— الهداد ٻوهيو

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| سهاڳ ـ الهداد ٻوهيو | ٩—٣٧ |
| علم تحقيق | ٩ |
| (لفظ تحقيق عربي زبان جي لحاظ کان) | |
| سچ جي تلاش جو سوال | ١٠ |
| ڇا تحقيق رڳو علمي سوال آهي؟ | ١١ |
| سچ جي تلاش ۽ انسان جي فطرت | ١١ |
| تحقيق جا ٻه نمونا | ١١ |
| تحقيق سنڌي زبان جي لغت ۾ | ١١ |
| تحقيق ۽ ان جي ورڪر جا فرض | ١٥ |
| خبر، وڏيڪ خبر جو وسيلو | ١٥ |
| مقصد، طريقا، وسيلا | ١٦ |
| عقل انساني جو ڪردار | ١٧ |
| پاڪستان جي سماجي صورت حال | ٢١ |
| تحقق ۽ سائنس | ٢٥ |
| عقلي ۽ مشاهداتي شهادتن جو دائرو | ٣٤ |
| تخليقي تهذيب | ٣٨ |
| تحقيق جو مختصر تاريخي جائزو | ٤٢ |
| تحقيق هڪ سماجي علم | ٤٧ |
| سائنس ۽ ريسرچ | ٥٠ |
| تعليمي تحقيق | ٥٥ |
| تواريخي تحقيق | ٥٦ |
| اظهاري تحقيق | ٥٧ |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| تجرباتي تحقيق | ٥٧ |
| علم ۽ علم تحقيق | ٦٢ |
| ڇا علم تحقيق به هڪ علم آهي؟ | ٦٩ |
| علم تحقيق جو قانون | ٧٠ |
| علم تحقيق جي سائنسي حيثيت | ٧٣ |
| حق تنڪير | ٧٨ |
| نين حقيقتن کي ڳولي لهڻ جو آدم | ٧٩ |
| تحقيق جي ڪم ۾ يونيورسٽين جو ڪردار | ٨٠ |
| تحقيق جا مالي وسيلا | ٨٢ |
| تحقيق جا علمي وسيلا | ٨٣ |
| تحقيق جا بنيادي وسيلا | ٨٣ |
| تحقيق جا ثانوي وسيلا | ٨٤ |
| انفرادي وسيلا | ٨٥ |
| تجربو، مشاهدو، عقل ۽ استدلال | ٨٥ |
| بيڪن | ٨٩ |
| سماجي علمي طريقا | ٩٢ |
| خالص ۽ بنيادي تحقيق | ٩٨ |
| اظهاري تحقيق | ١٠٠ |
| تجرباتي تحقيق | ١٠٠ |
| ريسرچ ۽ سائنسي طريقا | ١٠١ |
| مسئلي جي چونڊ | ١٠٢ |
| تحقيق ۾ تعاون جو مقام | ١٠٦ |
| مسئلي جي چونڊ جا بنياد | ١١٠ |
| رهبر استاد جو پيشائي تجربو | ١١٠ |
| ٽيڪنيڪي ۽ سماجي تبديليون | ١١١ |
| تعليمي تجربو | ١١١ |
| صلاح مشورو | ١١١ |

| عنوان | صفحو |
|---|---|
| مسئلي جي چنڊ ڇاڻ | ١١٢ |
| تحقيق جي ڪم جي سٽاءَ | ١١٢ |
| ڊائيم چارٽ | ١١٤ |
| واڌاري جي رپورٽ (ڪم جي رفتار) | ١١٥ |
| گڏيل تحقيقي پروگرام | ١١٥ |
| ڪتب خاني کي استعمال ڪرڻ جي تربيت | ١١٧ |
| علمي تحقيق ۽ ان جون منزلون | ١١٩ |
| مسئلو سوال يا موضوع | ١٢١ |
| حقيقتن کي رڪارڊ تي آڻڻ | ١٢٢ |
| مفروضو (پائيون) | ١٢٣ |
| آخري حل | ١٢٣ |
| تحقيق جي علم جي اخلاقيات | ١٢٤ |
| علمي تحقيق ۾ ثبوت | ١٢٦ |
| تحقيق ۾ غور ۽ فڪر (اجتهاد) جو مقام | ١٣١ |
| تحقيق جا وسيلا | ١٣٣ |
| ڪتابن جي لسٽ جو طريقو | ١٣٣ |
| حوالي جو طريقو | ١٣٤ |
| ڪتب خانو | ١٣٤ |
| علمي تحقيق جا ڪي نمونا | ١٣٦ |
| تحقيق جا ڪي اهم وسيلا | ١٣٧ |
| آخري مسودو تيار ڪرڻ | ١٣٧ |
| مسودو ۽ ان سان لاڳو مسئلا | ١٣٨ |
| ليکڪ | ١٤١ |
| پڙهندڙ | ١٤٦ |
| تحرير | ١٤٦ |
| مسودي جا مقصد | ١٤٩ |

| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| مسودي ۽ مضمون جو امتياز | ١٥١ |
| مسودي جي باري ۾ ڪي عام مشورا | ١٥٢ |
| مقالي جي اشاعت | ١٥٨ |
| ڪتب خانو ڪيئن ڪم آڻجي | ١٦٢ |
| ڪتابن جا نمبر | ١٦٤ |
| پڙهڻ جا طريقا | ١٦٦ |
| تعليم جو ذريعو ٻولي | ١٦٦ |
| نوٽس ڪيئن وٺجن | ١٧٠ |
| علم تحقيق ۾ طريقي جي اهميت | ١٧٢ |
| مسودي لکڻ جا ڪي اهم نقطا | ١٧٥ |
| فوٽ نوٽ | ١٨١ |


## ٻاڳو ڀيو

### سماجي علوم ۾ تحقيق جو ٽيڪنيڪ


| | |
| --- | --- |
| مقاصد | ١٨٧ |
| سماجي علوم ۽ تحقيق جو دائرو | ١٨٧ |
| سائنسي علوم ۽ طبعي حياتياتي علوم | ١٨٨ |
| ٻه وڏيڪ اصول | ١٩٠ |
| مسلم تصور | ١٩١ |
| تحقيق ۾ هڪجهڙائي | ١٩٣ |
| سماجي علوم ۾ تحقيق جو خاص سوال | ١٩٤ |
| سماجي تحقيق جي وصف | ٢٠١ |
| تحقيق جا قسم ۽ ان جي نوعيت جو سوال | ٢٠٣ |
| آخري عرض | ٢٠٩ |

# مهاڳ

## علم تحقيق

### لفظ تحقيق عربي زبان جي لحاظ کان

حقق : جاچ، ڪرڻ، ڪنهن شيء کي ثابت ڪرڻ، لازمي ڪرڻ مڃڻ - تصديق ڪرڻ.

اَحق : حق چوڻ، ڪنهن شيء کي ضروري يا واجب ڪرڻ، حق جو غالب اچڻ - ڪنهن شيء کي يقيني ڪرڻ.

تحقق : ثابت ٿيڻ، يقين ڪرڻ.
تصديق ڪرڻ، ڪنهن شيء کي لازمي ڪرڻ.

حـق : (ج حقوق) سچائي، راستي، يقين.
انصاف، پڪ، خاطري، ثابت ٿول حـق، مال جـو، مِلڪ جو فيصل شده معاملو، موت، سچو، (الله تعاليٰ جـي نالن مان هڪ نالو آهي).

اَلحق عليڪ : تون غلط آهين. (الحق علينا)

اَلحق معڪ : تون صحيح آهين. (الحق معنا)

تحقق : ثابت ٿيڻ، يقين ڪرڻ، تصديق ڪرڻ، ڪنهن شيء کي لازمي ڪرڻ.

تحقيق : ثابت ڪرڻ، يقيني بنائڻ (تصديق کان پوء) ڪنهن شيء کي لازمي بنائڻ جو عمل.

بين لفظن ۾ تحقيق جي معنيٰ آهي ڪنهن امر کي ايترو يقيني بنائڻ جو اُها ڪنهن به شڪ کان مٿي هجي ۽ انهيء طرح لازمي بنجي وڃي جو ان تي يقين ڪرڻو ئي پوي. *

---

* صفحو ٢٤٣ عربي سنڌي ڊڪشنري - ڀاڱو ٻهريون.
مرتب: پروفيسر غلام حسين جلباڻي انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو. فيبروري ١٩٨٨ع

يقين ڪرڻ يا ايقان جي عزت صرف انسان کي ڏني حاصل آهي.

(٣) تحقيق رڳو علمي سوال به نه آهي. تحقيق هر انسان جي لاءِ عقلي ۽ عملي سوال آهي. اهو سوال هر گهڙيءَ هر ساعت هر انسان جي اڳيان موجود رهي ٿو ۽ هر ماڻهوءَ کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن سوال تي ”تحقيق“ ڪرڻي پوي ٿي ۽ اهڙيءَ ريت هڪ عام آدمي به هر روز ڪيترن ئي سوالن تي تحقيق ڪري ٿو ۽ ڳالهه جي اصل ڳُر يا اصل يا سچ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو يا اصل ڳالهه ۽ ان جي سچائيءَ کي معلوم ڪري ٿو.

(٤) پر هر انسان فطري طور تي ائين ڇو ٿو ڪري؟ هر انسان سچ جي تلاش به فطري طور تي ڪري ٿو ۽ انسان هئڻ جي ناتي سان ڪري ٿو ۽ سچ سان محبت ۽ انسيت به فطري طور تي رکي ٿو ۽ انسان، هئڻ جي ناتي سان رکي ٿو. پوءِ ڀلا ڪهڙو اهو عالم يا تعليم حاصل ڪرڻ وارو شاگرد انسان، سچ جي تلاش ۽ سچ سان محبت کي پنهنجي عملي زندگيءَ مان خارج ڪري ٿو سگهي؟

ڪو به نه پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙو جو ڪم ڪٿي ٿو ته ظاهر آهي ته انساني سماج سان هُن جو جيڪو فطري ۽ انساني لاڳاپو آهي اهو به خطري ۾ پئجي ٿو سگهي ۽ اهڙي ڪا به ڳالهه ان کي ڪنهن به انسان کي جڳائي ڪونه ٿي.

(٥) سو عام ۽ انساني بنيادن تي به تحقيق جو ڪم يا ته ازخود ٿئي ٿو يا ارادي سان ۽ ڪوشش سان هر انسان اهو ڪم ڪري ٿو.

هن طرح تحقيق جا نمونا به ٻه ٿا ٿين: هڪ عام رواجي ۽ ٻيو اصولي، باقاعدي صحيح طور تي.

(٦) سنڌي زبان ۾ چيو ويندو آهي ته ”ڇريو ڪري ڳالهه ۽ سياڻو ويچاهي.“ رڳي ۽ رکي ۽ ڪنهن به تور تڪ ۽ ڪنهن ثابتيءَ کان سواءِ ڪا ڳالهه ڪري ته سگهجي ٿي پر اهڙو ڪم

يا اهڙي ڪا ڳالهه رکو آهي ماڻهو ڪري سگهن ٿا جيڪي چريا ٿا چئجن جيئن هن چوڻيءَ ۾ آيو آهي: هن حساب سان سياڻو اهو آهي جيڪو ڳالهه کي ويهي توري تڪي ۽ ان ۾ موجود سچ جي نه رکو وجود پر ان جي معيار کي به معلوم ڪري يعني اهو ڏسي ته ڪنهن ڳالهه ۾ سچ موجود آهي يا نه ۽ جي آهي ته ڪيترو آهي. انهيءَ عمل کي سنڌي زبان ۾ ويچارڻ ٿو چئجي. تحقيق ڪرڻ کي سنڌيءَ ۾ ”ويچارڻ“ چئي ٿو سگهجي ۽ تحقيق کي ”ويچار“. ٻيو لفظ آهي ”ونڊ“ ونڊڻ جي معنيٰ آهي ڪوئي ڪوئي نئين ڳالهه معلوم ڪرڻ.

(ب) سنڌي زبان جي پنهنجي سماجي ڪارج جي لحاظ کان ڳالهه جو ضد آهي جٽ. ”جٽ“ جي معنيٰ آهي زيادتي يا اجا به ظلم ۽ ڏاڍ مڙسي. زبان جي سماجي ڪارج ۾ ڪنهن به اهڙي ڳالهه کي جيڪا غلط آهي، بي وزن آهي يا سچ کان سواءِ يا ڪوڙي آهي ”جٽ“ ٿو چئجي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڪوڙيءَ ڳالهه کي ”جٽ“ ڇو ٿو چئجي. جيئن چوڻي آهي ته ”ڳالهه ٿي يا جٽ.“

ڳالهه ته چئجي ٿو انهيءَ ڳالهه کي جيڪا هر طرح سچ جي ساکي آهي ۽ ثابتين تي ٻڌل ۽ پختي آهي پر جيڪڏهن ڪا ڳالهه اهڙي نه آهي ته آها ڳالهه نه پر ”جٽ“ آهي ۽ اهڙي ڳالهه جا نتيجا آهي ئي نڪرن ٿا جهڙا ظلم جا يا ڪنهن ماڻهوءَ سان ظلم ڪرڻ جا.

هاڻي ظلم ڪرڻ جا نتيجا ڪهڙا ٿا نڪرن اچو ته اهو ڏسون. ڪنهن تي ظلم ڪرڻ سان ڪنهن انسان کي بي وسيلو ڪري ٿو سگهجي جو ظلم ڪرڻ سان ڪنهن انسان کان ڪا نه ڪا طاقت، سگهه، يا قوت ڦري ٿي وڃي. ٻيءَ طرح سان ان کي ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ڪمزور ڪيو ٿو وڃي ۽ ان جي ذاتي زندگيءَ کي وڏيڪ مشڪل ۽ ڏکن سان پريل بڻايو ٿو وڃي. غور سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته غلط ڳالهه ڪرڻ سان به اهو ئي

(١٨) پر رڳيون ۽ نريون حقيقتون ئي آهي شيون نہ آهن جن کي سائنس سڏي سگهجي. اصل ۾ سائنس آها شيءِ آهي، جنهن سان تحقيق جا طريقا لاڳو ڪري سگهجن. سو ڪوبہ علم سائنس تڏهن ٿو بڻجي، جڏهن ان جي باري ۾ سائنسي طريقو ٿو لاڳو ڪجي.

اهڙيءَ ريت سائنسي طريقو جهڙو سائنسي تحقيق سان لاڳو ڪرڻو آهي اهڙو ئي ٻين علمن جي حالت ۾ بہ لاڳو ٿيندو.

البت مولد، خبر، حقيقتون ۽ وسيلا مختلف ٿي سگهن ٿا، پر جيئن مقصد هر حالت ۾ سچ جي تلاش ٿئي ٿو تيئن تحقيق جو اخلاقي سوال بہ ساڳيو ئي رهي ٿو.

اخلاقي بنيادن تي هڪ محقق جي لاءِ هيٺ ڏيکاريل نڪتن تي پڪو ويساهہ رکڻ ضروري آهي.

(١) حواسن جي وسيلي حاصل ڪيل معلومات تي ڀروسو.

(٢) اهڙيءَ معلومات سان لاڳاپيل ٻين ڳالهين جو استعمال.

(٣) اهو ڀروسو تہ غيرجانبداري هر تلاش جي راهہ ۾ هر حالت ۾ اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ اهو ڪم اخلاقياتي بنيادن تي ڪرڻ گهرجي.

(٤) اهو ڀروسو ۽ ويساهہ تہ ذاتي ۽ شخصي طبيعت، نظرئي ۽ اعتقاد کي تحقيق جي ڪم ۾ مداخلت ڪرڻ نہ ڏجي.

(٥) سڀ حقيقتون خصوصي حالتن ۾ نہ پر عمومي حالتن (Generality) ۾ سمجهڻ گهرجي.

(٦) امڪان جي بنياد تي بہ اڳڪٿي ڪري سگهجي.

(٧) هٿ ڪيل سچو مواد اهڙو هوندو جو ان کي عام ۽ عملي حالتن ۾ پرکي سگهبو.

سائنسي تحقيق جي باب ۾ اسان هنن ڳالهين مان هر هڪ تي بحث ڪنداسون پر هت اهو ڏيکارڻو آهي تہ ڪتاب جي سڄي مواد ۾ تحقيق جي باري ۾ اسان جو نظريو ۽ اسان جو عقيدو اهو ئي رهيو آهي جيڪو مٿي ڏيکاريل ستن نڪتن ۾ آيو آهي.

جي استعمال سان.“ (۱)

سائنس جو تعلق مادي شين سان آهي. ماهر طبعيات شين سان لهه وچڙ ۾ اچي ٿو ۽ ان جي سچي ڪوشش جو مرڪز شيون آهن. اهڙيءَ طرح هڪ ماهر نفسيات جو تعلق به شين سان ٿي آهي. جيئريون ۽ چرندڙ پرندڙ شيون ان جي تحقيق جو مرڪز آهن جنهن ۾ هو ڏسي ٿو ته ڪنهن نه ڪنهن خاص صورتحال ۾ يا ماحول ۾ اهي شيون ڪهڙو عمل ڪن ٿيون. نفسيات جو ماهر هن حالت ۾ ڏسي ٿو ته اهڙيون شيون ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪهڙي قاعدي تحت عمل ڪن ٿيون. اهڙو ماهر هن حالت ۾ شين کي هڪ مقصدي ضابطي (Purposeful Control) جي هيٺ رکي ٿو. مثال طور هو ڪنهن ڪُتي تي تحقيق ڪرڻ جي لاءِ ڪين ڪجهه وقت جي لاءِ بکايل رکي ٿو يا ماهر طبعيات ڪن کينهوڙن (Balls) کي ڪنهن لاهيءَ جي مختلف زاوين تي رڙهندي ڏسي ٿو. هن طرح جڏهن شين کي عمل جي حالت ۾ رکڻ جي لاءِ اڳ ۾ مقصد مقرر ڪجي ٿو ته ان حالت کي ”بندوبست“ مئنيپوليشن ٿو چئجي. ”بندوبست“ ۾ ٻن ڳالهين کي اهميت هوندي آهي:

(۱) جدا جدا شين يا جانورن جي عملن ۾ ڪهڙيون هڪ جهڙايون آهن جن کي عموميات (Generalization) جي نالي سان سڏجي.

(۲) شيون يا جاندار پنهنجي جدا جدا عملن ۾ ڪهڙن قاعدن تي عمل ڪن ٿا.

اهي ٻه ڳالهيون ڪنهن به سائنسي تجربي يا تجزيي جي عمل ۾ بنيادي ڳالهيون آهن.

اهو به ياد رکڻ گهرجي ته ڪو ماهر سائنسدان رڳو شين

(1) Article by D.Slesinger and M. Stephenson in, 'The Encycleopaedia of Social Sciences' Vol: IX, MacMillan 1930.

۽ جاندارن سان ڏي بندوبست جو عمل لاڳو نه ٿو رکي پر هرڪو ماهر اهڃاڻن ۽ تصورن سان به ساڳيو ئي طريقو اختيار ڪري ٿو ۽ ان حالت ۾ به هو ''عموميات'' ۽ قوانين جي تلاش ڪري ٿو. البت تصورن جي حالت ۾ هو شيون نه پر شين جا تصور ڏسي ٿو ۽ جاچي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح اهڃاڻ جيڪي پاڻ تصورن جيان ڪم ڪن ٿا ۽ ڪن شين جا اهڃاڻ ٿين ٿا سي به ماهرن جي عملي جستجو جي لاءِ اختيار ڪيا ٿا وڃن.

سو عام طور تي تحقيق (۱) مادي شين تي

(۲) جاندار شين تي

(۳) اهڃاڻن تي بڌل ٿئي ٿي.

هن طرح هڪ ماهر طبعيات گولن (Spheres) دائرن، ڪندن، واڌوءَ ۽ ڪاٽوءَ جي حالت ۾ انهن تصورن جي مدد وٺي ٿو جيڪي شين جي نمائندگي ڪن ٿا ۽ ماهر نفسيات جي حالت ۾ جسم، بک، نااميديءَ، ذهني قوت جهڙن تصورن سان جيڪي شين جي نمائندگي ڪن ٿا پر پاڻ شيون جهڙا نه آهن. هن حالت ۾ هي تصور شين جا اهڃاڻ آهن. هنن تصورن کي ''شين جا ذهني مخفف'' (Mental short hands) ٿو چئجي. (۱)

هن طرح شين جا تصور شين جي نمائندگي اهڙيءَ طرح ڪن ٿا جو انهن تي تحقيق ڪرڻ جو ڪم تڪليف ڪونه ٿو ڏئي. اهو ماهر فلڪيات جيڪو ستارن جي گردش تي ڪم ڪري ٿو سو جيڪڏهن ''تصورن'' تي ڪم نه ڪري سگهي ها ته پوءِ هو ستارن کي تجربيگاهه ۾ ڪيئن ٿي آڻي سگهيو. هن طرح هن جي لاءِ پاڻ شيون نه پر شين جا آهي ''قدر'' ضروري آهن جن جي معيار جي هن کي خبر آهي.

(1) Wilkinson and Bhandarkar, "Methodology and Techniques of social Research" Himalia Pub. House Bombay 1979 P. 10

عقل انسانيءَ مان اها نااميدي بہ انسان جي تاريخ جي هڪ واقعاتي شيءِ آهي پر عقلمند ماڻهو آهي ئي اهو جيڪو عقل مان نااميد نہ هجي.

اها ڪيفيت جنهن کي حيرت يا عبرت ٿو چئجي ۽ جا مشاهدي جي نتيجي ۾ حاصل ٿئي ٿي سا بہ عقل جي انتها نہ آهي. اها انسان جي طبيعت يا مَنَ (Mind) جي ڪيفيت آهي جيڪا باشعور ۽ عقلمند انسان سان لاڳو هڪ حقيقت آهي. اها ڪيفيت خوشيءَ جي اها ڪيفيت آهي جيڪا انسان کي تمام وڏيءَ حاصلات ۽ معلومات جي نتيجي ۾ ملي ٿي. انسان ۽ عقلمند باشعور انسان انهيءَ منزل تي بہ مشاهدي کان خالي نہ آهي اهو ڏسي سگهي ٿو، ٻڌي سگهي ٿو ۽ محسوس ڪري ٿو سگهي، تڏهن هُن کي حيرت حاصل ٿي ٿئي. پاڻ صوفياءَ بہ انهيءَ ڪيفيت کي شعوري ۾ حقيقي ڪيفيت سمجهن ٿا. ان ڪري هڪ مسلم معاشري ۾ بہ علماءُ عقل جي حد کي هڪ مادي دنيا جي اندر حقيقي نہ ٿا سمجهن. اُها منزل ڪن علماءُ جي خيال ۾ مجاز جي منزل آهي پر اهو ثابت آهي بہ ڪري نہ سگهيا آهن تہ مجاز ۾ عقل ۽ شعور خاموش ۽ بي عمل رهن ٿا. اِن منزل کي عقل ۽ شعور جي اعليٰ منزل تہ سڏي سگهجي ٿو پر ان کي عقل ۽ شعور کان مٿي سمجهڻ جو خيال ڪوبہ اهڙو نہ آهي جنهن کي عقل تسليم ڪري.

انسان عقل ۽ علم جي زور تي افلاڪ جو ادراڪ ڪري ٿو ۽ ڪري سگهي ٿو. ۽ هن طرح هُن کي انهيءَ "غيب" جو بہ ادراڪ نصيب ٿئي ٿو جيڪو "موجود" تہ آهي پر ڪن حالتن ۾ "معلوم" نہ آهي. معلوم جيڪو هڪ حالت ۾ هڪ انسان جي لاءِ معلوم نہ آهي سو ٻيءَ حالت ۾ ٻئي انسان جي لاءِ معلوم آهي پر شرط اهو آهي تہ اُهو مادي حقيقتن تي ٻڌل ڪوبہ وجود هجي. هن باري ۾ بس سيدنا لطيف جنهن کي پاڻ کي صاحب علم جا صوفي سڏيندا رهندا آهن، وڏيءَ وضاحت سان هڪ سمجهاڻي ڏئي ٿو مثال طور:

(exact) قاعدا جوڙي سگهجن: سائنس وجود ۾ اچي تي وڃي.“(١)

”سائنسدان ۽ عالم چئجي ٿي انهيءَ انسان کي ٿو جنهن جو اهو عقيدو ۽ ڀروسو آهي تہ سچ مشاهداتي وسيلن ۽ محسوساتي نمونن جي مدد سان حاصل ڪري ٿو سگهجي.“ پر ايچ. جي. ويلس (H.G. Wells) سچ ممڪن ۽ سچ معلوم (Possible facts and known facts) جو تصور ڏئي ٿو. (٢)

پر ويلس لکي ٿو: ”وڌ ۾ وڌ سچي ڳالهہ سائنس جي باري ۾ اها آهي تہ ان جا نظريا سچ جي هڪ ليکائي شڪل يا ان جو اهڙو خاڪو ڏيڻ جي لائق بہ مشڪل سان آهن. اهي نظريا تہ سچ ممڪن (Possible truth) جي باري ۾ بہ ڪافي نہ آهن. آهي رڳو ”سچ معلوم“ (Known truth) جي باري ۾ ڪو علم يا ڪا معلومات ڏئي سگهن ٿا.“

سچ محض (absolute or ultimate truth) صوفيا ڪرام جي فلسفي جي شيءِ آهي. اها شيءِ سائنس جي دائري جي شيءِ انهيءَ حالت ۾ نہ آهي جنهن حالت ۾ صوفي سڳورا ان جو مفهوم ڪڍن ٿا. سائنسدان جي لاءِ سچ هڪ ٻي شيءِ آهي ۽ اها واحد آهي ۽ هر شيءِ اهو سچ رکي ٿي جنهن مان ان جي حقيقت ۽ اهميت جو پتو پوي ٿو. سائنسدان چون ٿا تہ اهڙو سچ حواسن جي وسيلي مشاهدي جي مدد سان معلوم ڪري ٿو سگهجي ۽ فقط اهو ئي سچ ”سچ“ آهي جيڪو ”سچ معلوم“ آهي. سائنسدان جي هن نظرئي کي ”تنقيدي استدلال“ (Critical Rationalism) يا تنقيدي عقليت (Critical empiricism) ٿو چئجي.

”سائنسدان انهيءَ تخليقي آرٽسٽ جهڙو آهي، جيڪو سنگ مرمر جي هڪ بلاڪ مان هڪ بت تراشي ٿو سگهي.“ هن

(1) Durant, W. story of Philosophy, N. Y. 1971 P. XXVI.

(2) Wells, H. G. Science and Ultimate truth great Essays in Science P. 329

منجهان ماڪيءَ جي ناهڻ ۾ (Comte) ڪري ٿي.

طريقي (Method) جي باري ۾ مشهور حڪيم آگسٽ ڪومٽي جو چوڻ آهي ته ”سائنسي طريقو عقل پسنديءَ کي اختيار ڪري ٿو ته جيئن بهتر دليل بازي ڪري سگهي ۽ دليل بازي انهيءَ ڪري ٿو ڪري ته جيئن عقل ۽ دليل جي مدد سان بهتر تعمير ڪري سگهي يا بهتر نظريو قائم ڪري سگهي.

“Induction for Deduction with a View to Construction.”

# تخليقي تهذيب

انسان جي دنيا جو سچو نئُ ۽ ديدبو اصل ۾ انسان جي انهيءَ افرادي طاقت (Man power) جو نتيجو آهي؛ جيڪا انسان جي انهيءَ ڪاوش ۽ ڪوشش جو نتيجو آهي جيڪا انسان کي ڪجهه، تہ فطرت جي سخاوت جي ڪري ملي آهي ۽ ڪجهه انسان هٿ پير هڻي حاصل ڪئي آهي. افرادي طاقت جيڪا ڪلن سان ڪم ڪندي نظر اچي ٿي جيڪا روايتي (Conventionl) اوزارن (Tools) کي استعمال ڪندي نظر اچي ٿي، جيڪا غور ۽ ويچار ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا غور ۽ ويچار توڙي نين حقيقتن کي ڳولي لهڻ جي ڪم ۾ سرگرم نظر اچي ٿي، جيڪا شاعريءَ آرٽ ۽ ادب جي نموش ۾ نمايان آهي ۽ جيڪا جديد تجربي گاهن ۾ سڌريل آلات جي مدد سان فطرت جي رازن ۽ رمزن (Mystries) جاڳر کولي رهي آهي. سا انسان ذات جي عمر جيتريءَ عمر جي آهي ۽ جيڪا انسان جي دنيا ۾ خلقت (Creation) تاسيس (Foundation) ۽ تجديد (Reformation) جي عملن ۾ سرگرم رهي آهي ۽ رهندي اچي ٿي. اهائي افرادي طاقت آهي جيڪا جديد دنيا کي رفتار، نظر ۽ سماعت جهڙيون نعمتون ڏئي چڪي آهي، جن جي مدد سان اسان جلي دور جو انسان هوائن ۾ تيز رفتاريءَ سان سفر ڪري ٿو، تمام ننڍيون باريڪ ترين شيون ڏسي ٿو. جيڪي رواجي طور تي انسان جي اک ڪنهن بہ طرح ڏسي نہ سگهي ها ۽ هاڻي انسان تمام پري وارو آواز ٻڌي سگهي ٿو. جيڪو رواجي طور تي هو ڪڏهن بہ نہ ٻڌي سگهي ها. هن طرح انسان ڪن شين جو خالق آهي؛ ڪن شين جو بنياد وجهندڙ آهي ۽ ڪن شين جو سڌاريندڙ آهي. "خالق" بـرپا ڪندڙ ۽ سڌاريندڙ انسان هن دور تائين پنهنجو هڪ اهڙو انساني ڪلچر پيدا ڪري چڪو آهي؛ جيڪو هاڻي انسان سان گڏوگڏ ۽ انسان وانگر پاڻ

واري ڪم ۾ انسان جي ذهن ۽ پين طاقتن تي جيڪو بار پوي ٿو ان جو مقابلو ڪري.

ڇا علم تحقيق ڪو اهڙو ئي علم آهي؟

هن ڪان اڳتي اسان انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

# تحقيق جو مختصر تاريخي جائزو

انسان منڍ کان وٺي پنهنجي آس پاس ۽ پنهنجي ماحول کي غور سان ڏسندو ۽ جاچيندو رهيو آهي. انسان جا پهريان مسئلا ۽ سوال اهڙا هئا ته هي سج ستارا، هوائون ۽ مينهن ڇا آهن ۽ اها ڪهڙي طاقت آهي جا هنن جي وجود ۽ ڪم ڪار جي لاءِ ذميوار آهي. پنهنجي اوائلي دور ۾ انسان پنهنجن اهڙن سوالن جا جيڪي جواب ڏنا آهن سي اُن وقت جي انسان جي عقيدن ۽ ڀرمن جي شڪل ۾ اڄ به تواريخن ۾ موجود آهن. اُن وقت جي انسان جو خيال هو ته انسان ۽ ان جي ماحول کان ٻاهر ڪي اهڙيون طاقتون موجود هيون جيڪي باقي دنيا جي سڀني شين کي پنهنجيءَ بي پناه قوت سان هلائي چلائي رهيون آهن.

تواريخ جي هڪڙي دور ۾ ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته ڪي حڪيم ۽ ڪي هٿراڌو مذهبي پيشوا اهڙا ظاهر ٿيا هئا جيڪي چوندا هئا ته هنن ۽ انسان جي ماحول کان ٻاهر وارين عظيم طاقتن (Gods) جي وچ ۾ هڪ ڳجهو لاڳاپو موجود هو ۽ هو انهن طاقتن جي مدد سان سڀ ڪجهه ڪري ٿي سگهيا. اهڙي دور ۾ انسان هڪ حاڪميت (Authority) جي غلاميءَ ۾ رهندو هو. اهڙي دور ۾ انساني ماحول جي مسئلن کي مذهبي اڳواڻن جي خيالن پٽاندر حل ڪيو ويندو هو.

پر هلندي هلندي آخر انسان اهڙي هنڌ اچي پهتو جتي هن کي پنهنجي ماحول يا فطرت جي شين ۾ هڪ قسم جو سرشتو ۽ هڪ جهڙائي نظر اچڻ ٿي لڳي. هن کي ايئن نظر اچڻ لڳو ڄڻ انسان جي دنيا سڀني ۽ انهن جي نتيجن جي پيدا ڪيل دنيا هئي ۽ هن کي ايئن به نظر اچڻ لڳو ڄڻ هو ڪنهن حد تائين پنهنجي مستقبل کي به ڏسي ٿي سگهيو ۽ ڪنهن حد تائين حالتن جي باري

ارتقائي ۽ تدريجي ترڪيبن کي گڏي ڪم آڻجي. هن طريقي کي اڳتي هلي تدريجي - ارتقائي طريقو (Deductive - Inductive process) چيو ويو.

هن طريقي ۾ هڪ محقق، پارکو ۽ ڪاهوڙي سڀ ڪان اڳي ڪو نه ڪو فرضي نقطو وٺي ٿو رکي. ان ڪان پوءِ هو ان نقطي کي رهبر مڃي پنهنجا تجربا گڏ ٿو ڪري ۽ پوءِ انهن تجربن جي آڌار تي هن فرضي نقطي کي يا ته غلط ثابت ٿو ڪري يا برابر.

هن طريقي جا ڏاڪا پنج آهن:

(۱) سوال يا مسئلو مقرر ڪرڻ (Indentification of the problem)

(۲) فرضي نقطو مقرر ڪرڻ (Formulation of an hypothesis)

(۳) تجربن کي گڏ ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ ۽ انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ (Collection, organization and analysis of data)

(۴) نتيجو ڪڍڻ (Formulation of conclusion)

(۵) فرضي نقطي کي مڃڻ يا ٿڏي ڇڏڻ (Acceptance or rejection of hypothesis)

اڄڪلهه جو ڪاهوڙي، پارکو، تپاسير ۽ محقق انهن ڏسي پنجن ڏاڪن تي پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهي. پر اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هنن ڏاڪن مان ڪن کي اڳي پوءِ رکڻ جو اختيار پارکوءَ کي به حاصل آهي. هو پنهنجي مسئلي جي نموني کي خيال ۾ رکي پوءِ پنهنجا ڏاڪا پاڻ به مرتب ڪري ٿو سگهي.

# سائنس ۽ ريسرچ

هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته ريسرچ جو سائنس جي طريقي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي ۽ اها ڪهڙي ريسرچ آهي جنهن کي سائنسي ريسرچ ٿو چئجي. سائنس جي ميدان تي ريسرچ جي معنيٰ آهي اها جاکوڙ، اها محنت ۽ اها ڇڪاس ۽ ڇنڊڇاڻ جيڪا رسمي طور تي ڪنهن نه ڪنهن مقرر ڪيل ۽ آزمايل سرشتي پٽاندر انهيءَ ڪري ڪئي وڃي ته جيئن سائنس جي طريقي کي ڪم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي. ڏٺو ويندو ته ريسرچ هن خيال کان سائنس جي طريقي کي ڪم ڪرڻ لاءِ ميدان ۽ مواد مهيا ڪري ٿي ڏئي. ان ڪري ڪنهن به ملڪ ۾ سائنس جي طريقن سان علم حاصل ڪرڻ لاءِ ريسرچ کان سواءِ ترقي حاصل نه ٿي آهي. ريسرچ ۾ جنهن ڇنڊڇاڻ ۽ ڇڪاس (Investigation) تي زور ڏنو ويندو آهي انهيءَ لاءِ مقرر ڪيل اصولن ۽ ڪنهن نه ڪنهن نظام (System) جي قاعدن تي عمل ڪرڻو پوندو آهي ۽ پنهنجن تجربن جو هڪ رڪارڊ به رکڻو پوندو آهي.

هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته خود ريسرچ ۾ به سائنسي قسم جي سوچ ۽ سائنس جي طريقن جي وڏي ضرورت آهي. اها ريسرچ جيڪا سائنس جي طريقي سان نٿي ڪئي وڃي سا سائنس جي ڪم جي نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪن اڪابرن ريسرچ ۽ سائنس کي هڪ ئي شيءِ سمجهيو آهي. جيتري ضرورت سائنس کي ريسرچ جي آهي اوتري ئي ضرورت ريسرچ کي سائنس جي آهي.

انهن قومن ۾ جيڪي سائنس جي طريقن کي استعمال ڪرڻ جي لائق اڃا تائين نه ٿيون آهن ۽ جيڪي پنهنجن تجربن جو بنياد ريسرچ کي نه پر وهمن، نظرين، عقيدن ۽ گمانن کي سمجهن

جي ڀلائيءَ لاءِ هجي. سچڙو ڪاهوڙي سچو مجاهد آهي جيڪو
الله جي مخلوق ۽ حقيقتن کي ڳولي ٿو ۽ انهيءَ تلاش جي رستي
۾ ٿي پنهنجي جان قربان ٿو ڪري.

# تعليمي تحقيق

تحقيق جي باري ۾ هن وقت تائين جو ڪجهه به چيو ويو آهي ان مان پڌرو آهي ته تحقيق جي رستي پارڪو اصول ٺاهي ٿو ۽ پوءِ انهن اصولن کي ساڳيءَ طرح جي سڀني حالتن هيٺ ساڳئي نموني جي شين سان لاڳو ڪري ٿو. هن قسم جي تحقيق کي خالص يا بنيادي تحقيق چيو ويو آهي.

سماجي نفسيات (Social psychology) ۽ تعليم جي ميدانن تي جيڪا تحقيق ويجهڙائي ۾ ٿي آهي آها هن قسم جي خالص يا بنيادي تحقيق نه آهي. ڏنو ويو آهي ته خالص (Pure) ريسرچ جي وسيلي جيڪي اصول ٺاهيا ٿا وڃن اُهي عملي طور تي ڪلاس روم جي اندر تعليمي معيار کي وڌائڻ ۽ مٿي کڻڻ ۾ مدد ڪونه ٿا ڪن. تعليم جي باري ۾ ريسرچ جو مقصد ته صرف ايترو ۽ اهو آهي ته پاڙهڻ ۽ سيکارڻ جو معيار مٿي ڪجي ته جيئن تعليمي قابليت وڌيڪ ٿئي ۽ تعليم وٺڻ وارو وڌيڪ ڪارائتو ماڻهو ٿئي. ان ڪري جا تحقيق تعليم جي ميدان تي ڪري ٿي سگهجي آها خالص تحقيق نه آهي پر عملي تحقيق (Action Research) آهي.

عملي تحقيق جو خيال سڀ کان اڳي مسٽر اسٽيفن ڪوريءَ (Stephen M. Corey) ڏنو هو. (ڏسو ڪوري صاحب جو ڪتاب (Action Research to improve School Practices P.7)

عملي تحقيق جو مقصد اصول ٺاهڻ ۽ نظريا ڏيڻ نه آهي پر ان جو وڏو مقصد آهي ترت عمل ڪرڻ (Immediate application) ان جو وڏو زور مسئلي جي حقيقي هئڻ سان آهي. هن تحقيق جا نتيجا به فقط مقامي حالتن سان لاڳو ڪري ٿا سگهجن. پوري دنيا جي حالت ۾ هي نتيجا عمل ڪري نه سگهندا. اهو ئي سبب

آهي تبديل (Change) تي.هن تحقيق جو مواد اصلي يا بنيادي حالتن مان ورتو ويندو آهي ان ڪري تواريخي تحقيق اهو پڌائي ٿي ته حالتون ماضيءَ ۾ ڪيئن هيون.

(٢) اظهاري تحقيق (Descriptive Research)

هن قسم جي تحقيق ۾ مٿي ڏيکاريل چارئي ڏاڪا هوندا آهن پر هن جو مقصد هوندو آهي فقط حال وارين يا موجود حالتن جو بيان ڪرڻ. هن طريقي ۾ اهو ڏنو ويندو آهي ته ڪو فرد يا ٽولو موجود حالتن ۾ ڪيئن ٿو عقل ڪري. هن طريقي ۾ ڀيٽ يا مقابلي جي گنجائش به هوندي آهي.

(٣) تجرباتي تحقيق (Experimental Research)

هن قسم جي تحقيق جو لاڳاپو ايندڙ حالتن سان هوندو آهي ۽ هن جي وسيلي ڏنو ويندو آهي ته تجربي جي هيٺ رهڻ واريون حالتون اڳتي هلي ڪهڙو رخ اختيار ڪنديون ۽ ڪيئن عمل ڪنديون.

وڌيڪ اڀياس لاءِ ڏسجن :

(1) "The Modern Research" by Barzun, Jaques,and Henry Graff. chapt. I and X
(2) "Class Room Teachers can use Research" by Buswell, Suy T.
(3) "The Impact of Research on Education" by Cooper, Dan H.
(4) The Methodology of Educational Research" by Good and Douglas.

جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي هر ريسرچ جو مقصد آهي مسئلا حل ڪرڻ ۽ انسان جي علم جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ نيون راهون کولي ڏيڻ. ان ڪري (ريسرچر) جاکوڙيءَ لاءِ اهو

ڪونہ ٿو سگهي. هن باري ۾ مواد (Data) جمع ڪرڻ ۽ ان کي وڌيڪ چنڊڻ ۽ ڇاڻ جو ڪم به اهڙو ئي آهي جو ڪو به هڪ محقق ان جو حق ادا ڪري ڪونہ ٿو سگهي.

# علم ۽ علم تحقيق
## Science and Research

. سائنس انهيءَ علم کي چئجي ٿو جيڪو:

(الف) پنهنجي ڪم جو هڪ مستقل ۽ جدارو (Distinc-tive) رستو اختيار ڪري.

( ب ) پنهنجي لاءِ نرالا ۽ وضع ڪيل (Well defined) اوزار يا وسيلا ڪم آڻي.

( ت ) پنهنجي ڪم جو ڪوبہ هڪ طريقو (Routine) مقرر ڪري ڇڏي.

( ث ) پنهنجي لاءِ ڪو خاص طريقہ ڪار (Approach and point of view) مقرر ڪري.

هن خيال کان علم تحقيق جي عملي حيثيت مقرر ڪرڻ لاءِ ڏسڻو اهو آهي تہ اهو علم هڪ علم (سائنس) وارين تقاضائون پوريون ڪري ٿو يا نہ.

علم تحقيق اهو علم آهي، جيڪو:

١- انسان جي علمي وسيلن جو اپياس ڪري ٿو.

٢- انهيءَ اپياس ۾ تجربي ۾ مشاهدي، عقل، استدلال ۽ احساس جا وسيلا ڪم آڻي ٿو.

٣- انهن وسيلن جي مدد سان نيون حقيقتون ۽ اڻ ڄاتل حقيقتون ڳولي ٿو.

٤- انهن حقيقتن مان ڪن چونڊ حقيقتن کي ڪن مسئلن حل ڪرڻ لاءِ ڪم آڻي ٿو.

آخرڪار اهو علم انسان جي علمي دنيا جو ڪونہ ڪو حل طلب مسئلو حل ڪري ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ انسان وڌيڪ متحرڪ ۽ طاقتور بڻجي ٿو ۽ ايندڙ نسل لاءِ هڪ بنياد فراهم

٣- انهيءَ مقصد لاءِ خود انهن شاهدين جي بہ ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ٿي وڃي. هن وصف تي غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ:

١- تحقيق هڪ علم (اڀياس جو طريقو) آهي.

٢- هن طريقي ۾ شاهديون ڪنيون ڪيون ٿيون وڃن.

٣- انهن شاهدين جي وڏيڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪئي ٿي وڃي يعني منطقي اصولن کي ڪم آندو ٿو وڃي.

٤- انهن شاهدين جي وڏيڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ بعد مقرر ڪيل مسئلي جو حل معلوم ڪيو وڃي ٿو. جنهن ۾ انهيءَ ڇنڊ ڇاڻ ڪيل شاهدين جي مدد درڪار ٿئي ٿي.

معلوم ٿيو تہ هيءَ وصف اسانجي پهرئين وصف سان گهڻي يا گهٽ اتفاق ڪري ٿي. البتہ هيءَ وصف ايتري ويڪري ۽ همہ گير نہ آهي جيتري پهرئين وصف. ڇو؟ تہ هن ۾ تحقيق جي سماجياتي پهلوءَ ۽ انهيءَ جي وسيلن جي باري ۾ واضح خيال ڏنو ڪونہ ويو آهي. سو هن وصف کي بہ اسان آخري طور تي قبول ڪري نہ ٿا سگهون.

”تحقيق اهو وسيلو آهي جنهن کي انسان ذات هوريان هوريان Gradually ۽ صدين گذرڻ کان پوءِ بہ مس وڃي مڪمل ڪيو آهي ۽ جيڪو اڄ ڪلهہ اسان وٽ علم وڌائڻ جو هڪ پروسي جهڙو وسيلو آهي.“

هن وصف ۾ جن ڳالهين کي شامل ڪيو ويو آهي اهي هيٺ ڏجن ٿيون.

(١) تحقيق هڪ علم يا اڀياس جو وسيلو آهي.

(٢) علم تحقيق جي هاڻوڪي شڪل ان جي هڪ مڪمل شڪل آهي توڙي جو هن علم کي ترقي ارتقائي طور تي حاصل ٿيندي رهي آهي.

(٣) علم تحقيق جو مقصد آهي علم وڌائڻ.

استدلال جي ڪمزوري جيڪا هن وصف ۾ نظر اچي ٿي. اها اها آهي تہ توڙي جو تصور اهو ڏنو ويو آهي تہ جيئن علم

(١) قانون (Laws)
(٢) ڪليت (Generalization)
(٣) ڊيٽا (Data)
(٤) تجربو ۽ مشاهدو (Observation of Experimentation)
(٥) نتيجي جو اظهار (The statement of New facts)

هيٺ اسان علم تحقيق جو اڀياس هنن پنجن ڳالهين کي خيال ۾ رکي ڪري رهيا آهيون ته جيئن اهو معلوم ڪري سگهون ته علم تحقيق ڪنهن علم سائنس واريون سڀ تقاضائون پوريون ڪري ٿو يا نه.

**علم تحقيق ۽ قانون:**

علم تحقيق جي موضوع تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي پر هوندن تحقيق جي موضوع تي دنيا جي سطح تي خاصو غور ويچار ڪيو ويو آهي. (اسان هنن ڪتابن جي هڪ لسٽ هن مضمون جي پويان ڏيئي رهيا آهيون). تحقيق کي هڪ علم جي درجي ڏيڻ لاءِ اسان لاءِ ضروري آهي ته اسان انهن قانونن جي تلاش ڪريون جيڪي علم تحقيق اختيار ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو سگهي. بنيادي طور تي علم تحقيق ۾ جيڪي ڳالهيون ڪم ڪن ٿيون سي آهن:

(١) روايتي ۽ رواجي حقيقتن جي باري ۾ حق تنڪير يا گهٽ ۾ گهٽ شڪ جي بنياد تي ڊيٽا (Data) مقرر ڪرڻ.

(٢) مقرر ڪيل يا ساديون حقيقتن (Simple facts) جو جائزو وٺڻ ۽ انهن جي بنيادي ڊيٽا مقرر ڪرڻ.

(٣) ڊيٽا جي بنياد تي ڪي مفروضا مقرر ڪرڻ يعني (Data) ڊيٽا کي پرکڻ.

(٤) مفروضن جي باري ۾ وڌيڪ تحقيق ڪرڻ لاءِ استدلال ۽ منطقي ذريعن کي استعمال ڪرڻ.

ٻيا علم واڙا اختيار ڪن ٿا.

ٽين ڳالهه جيڪا معلوم ٿئي ٿي سا اها آهي ته هر ڪنهن تلاش ۽ جستجو ۾ مقرر ٿيل ۽ موزون وسيلا ڪم آڻڻ کپن. هيءَ سادي حقيقت سڀني علمن ۾ هڪ قانون جيان ڪم اچي ٿي.

چوٿين ڳالهه اها آهي تـه هر ڪنهن تلاش ۽ جستجو جو نتيجو هڪ "ڪليئي" جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.

پنجين ڳالهه اها آهي ته سڀ ڳولي لـڌل شيون، حقيقتون انسان کي اخلاقي توڙي علمي طور تـي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ٿيون ۽ هن طرح علم تحقيق انسان جي ۽ سماجن جي انفرادي طاقت کي وڌائڻ جو هڪ ذريعو بڻجي ٿو.

ڇهين ڳالهه اها ته هڪ ڪليو ٻئي ڪليئي کي قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. سڀني قائم ٿيل ڪلين ۾ هڪ ذريعو (Source) آهي. هن طرح هڪڙي تحقيق ٻي تحقيق جو سبب بڻجي ٿي.

هيٺ اسان علم تحقيق جـي سڀني حقيقتن يـا قانونن کـي جدا لکي رهيا آهيون.

(۱) ڇاڻايل ۽ واضع ڪيل (Defined) حقيقت جنهن کي ڪنهن نه ڪنهن مخصوص مقصد لاءِ ڇاڻايو ۽ وضع ڪيو ويو آهي تنهن کي هميشه لاءِ اختيار ڪيل ۽ سڀني مقصدن لاءِ موزون وسيلو سمجهي نٿو سگهجي.

(The Partial turth cannot take the place of the whole truths).

(۲) هر ڪا نئين حقيقت پنهنجي راهه جـي اختيار ڪيل تلاش ۽ تحقيق جو نتيجو ٿئي ٿي.

(Every new fact is the outcome of a Research).

(۳) هر ڪا تحقيق يا هرڪو تحقيقي عمل وسيلن ۽ ذريعن جو محتاج ٿئي ٿو.

(A fact finding activity is subject to its resources).

(۴) هرڪو تحقيقي عمل ڪليئي تائين پهچائي ٿو.

(A fact finding activity Leads to a generalization).

(٥) هر ڪلهو بئي ڪلئي تائين پهچائي ٿو ۽ هڪ تحقيق ٻي تحقيق جو سبب بڻجي ٿي.

(Every generalized fact becomes a Source in the development of new generalization and every research Leads to a further research).

(٦) سڀ ڳوليل حقيقتون انسان ۽ انسان جي سماج کي وڌيڪ بهتر بڻائين ٿيون.

(All the Established facts Lead to the Social progress).

علم تحقيق جي باري ۾ وضع ڪيل مٿي ڄاڻايل ھنن ڇهن حقيقتن تي ويچار ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ هي حقيقتون صاف، ساديون ۽ انتهائي عمومي (Generalized) حقيقتون آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو هنن کي قانون جو درجو ڏئي ٿو سگهجي.

ساڳئي نموني اسان مٿي اهو بہ ڏسي چڪا آهيون تہ علم تحقيق کي هڪ پنهنجو ۽ جدا طريقو آهي ۽ ان جا ڪي مخصوص وسيلا بہ ٿين ٿا.

هنن ڳالهين کي خيال ۾ رکي چئي سگهون ٿا تہ:

علم تحقيق هڪ علم آهي جيڪو ڪن خاص قانونن جي پيروي ڪندي، نين حقيقتن جي تلاش جي خاطر هڪ پنهنجو ۽ نرالو طريقو اختيار ڪري ٿو ۽ مخصوص وسيلا ڪم آڻيندي، نين حقيقتن تائين پهچي ٿو ۽ هڪ بهتر انساني معاشرو قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

## علم تحقيق جي سائنسي حيثيت:

علم تحقيق جي مٿي ڄاڻايل قانونن کي غور سان پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هي قانون طبعي ۽ فطرتي قانونن جهڙا اڻٽل

پر علم تحقيق جا قانون ايترا سادا ۽ ايڏي ڪلياتي حيثيت جا مالڪ آهن جو اهي هر ملڪ ۾ هر فرد ۽ هر مسئلي جي حالت ۾ هڪ جهڙو (Universal) ۽ ڪلياتي ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

وري هيءَ حقيقت به ياد رکڻ گهرجي ته علم تحقيق جي حيثيت اهڙي آهي جو هڙڪا سائنس ان جي وسيلن تي اعتماد رکي ٿي ۽ ان جي فيصلي، طريقي ۽ نتيجن کي تسليم ڪري ٿي. انڪري هڪ خيال کان علم تحقيق کي گهڻن علمن جو هڪ Science) (of Sciences به چئي ٿو سگهجي. پر هي علم مادي وسيلن جي بجاءِ انسان جي ذهني ۽ علمي وسيلن تي به مدار رکي ٿو ۽ انساني سماج جي بهبوديءَ ۽ بهتريءَ لاءِ ڪم ڪري ٿو ان ڪري هن علم کي سماجي علم (A Social Science) جو درجو ڏيڻ ٿي ڪافي ٿيندو.

پر شايد تحقيق جو علم اُتي هلي انهيءَ سماجي علم جو درجو رکندو، جيڪو سڀني سماجي علمن کان بهتر هوندو ۽ جيڪو انساني سماج جي وڌ ۾ وڌ خدمت ڪري سگهندو.

سو آخري طور تي چئي سگهجي ٿو ته جيئن علم اقتصاديات انسان جي ضرورتن ۽ انهن جي پورائيءَ سان تعلق رکي ٿو، جيئن علم سياسيات انسان جي بڻجي شهري ۽ ان جي اجتماعي ڪارڪردگيءَ سان تعلق رکي ٿو ۽ جيئن علم نفسيات ان جي من (Mind) جو اڀياس ڪري ٿو، تيئن علم تحقيق انسان جي انهيءَ صورت حال جو اڀياس ڪري ٿو، جنهن ۾ انسان جي حيثيت اڀانڊيندڙ ۽ سڌاريندڙ جهڙي آهي، جنهن ۾ هن جا مقصد انساني بهتريءَ وارا آهن، جنهن ۾ هن جا وسيلا ذهني ۽ عقلي آهن ۽ جنهن ۾ هن جا نتيجا اعتماد جوڳا ۽ مزيد تحقيق جي لاءِ ڪارائتا ڏين ٿا.

هن طرح مجموعي طور تي علم تحقيق انسان جي انفرادي طاقت وڌائڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. علم تحقيق انسان جي من جي آنڌ مانڌ کي وڌائي ٿو. علم تحقيق انسان ۾ تلاش ۽ جستجو

عقل ۽ احساس جو هٿ آهي، سو علم تحقيق جي ڪري ئي وڌي ٿو.

## علم تحقيق جو تاريخي جائزو:

اسان مٿي واضح ڪيو آهي تہ علم تحقيق جي مدد سان انسان جا مسئلا حل ٿين ٿا ۽ نيون نيون حقيقتون معلوم ٿين ٿيون. هيءَ دعويٰ علم تحقيق جي تاريخي جائزي جي مدد سان ثابت ڪري ٿي سگهجي. اسان هي جائزو هيٺ پيش ڪري رهيا آهيون.

تحقيق جي تاريخي ڪردار ۾ جن ڳالهين جو وڏو هٿ رهيو آهي سي آهن:

١- حق تنڪير يا انڪار ڪرڻ جو حق (Heresy)

٢- نين حقيقتن جي ڳولي لهڻ جو آدم ۽ عزم.

## حق تنڪير:

انڪار جي حق جي تاريخ تمام پراڻي آهي. هن تاريخ جي ابتدا سان معلوم ٿئي ٿو تہ ٽولمي (Ptolemy) انهن پهرين انڪار ڪرڻ وارن "منڪرن" مان هو، جن روايتن ۽ سندن (Authorities) جو انڪار ڪيو هو. هن ٻڌايو هو تہ "تارن جي چرپر جو سبب آسماني طاقتن (Supernatural power) جي مداخلت نہ آهي. پر رياضيءَ جون حقيقتون آهن. اهڙي ريت ٽوليميءَ انسان جو هڪ وڏو سوال حل ڪري وڌو هو.

گليليو تہ، نہ رڳو روايتي (Traditional truth) سچ جو انڪار ڪيو پر هن تہ منطق جي مقرر ڪيل حدن جو بہ انڪار ڪيو ۽ هن جي انڪار انسان ذات جو هڪ وڏو مسئلو حل ڪيو.

چارلس ڊارون انسان جي وجود ۽ نسلن جي واڌاري جي باري ۾ پاڻ کان اڳ وارن سيني مقرر ڪيل راين جو انڪار ڪيو هو.

تيرهين صدي ۾ راجر بيڪن (Roger Bacon) هڪ منڪر جيان پاڻ کان اڳ وارين روايتي حقيقتن جو انڪار ڪيو هو.

قائم ٿي هئي. هن يونيورسٽي کــي مشهور (Virginia univer:) مدبر ۽ انسان دوست جيفرسن جـي اصولن تي قائم ڪيو ويو هو. هنن اصولن ۾ عملي جستجوءَ جي مڪمل آزاديءَ جي ضمانت ڏني ويئي هئــي. تحقيق جـو ڪم ان دور ۾ ييل (Yale) ڪولمبيا ۽ هارورڊ جي يونيورسٽين ۾ به ٿيندو هو. جرمنيءَ ۾ تحقيق جو ڪم تـڏهن شروع ٿيو هو، جڏهن اتـان جـي يونيورسٽين پاپائيت کان آزادي حاصل ڪئي هئي ۽ سيڪيولر تحقيق جو ڪم ڪيو هئائون. جرمنيءَ ۾ تحقيق جو هي ڪم ان دور ۾ ٿي رهيو هو، جنهن دور ۾ آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج بـہ اڃان پاپائيت جي خدمت ۾ سرگرم هيون. جرمنيءَ جون تحقيقي روايتون آمريڪا ۾ ١٨٥١ع ۾ هينري ٽپن (Henery Tappan) جي ڪوشش سان آيون هيون. ٽپن مچيگان يونيورسٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو پر وري بہ هاپڪنس جي قيام تائين آمريڪا جي تحقيق ۾ لبرلزم اچي نہ سگهيو.

هاپڪنس يونيورسٽيءَ جي ترقيءَ جو ذميوار ڪئاٽ گلمن (Cait Gitman) هو، جيڪو ييل جـو شاگرد هئو ۽ اڳ ۾ ئي ڪيليفورنيا جو صدر هـو. گلمن تحقيق جي ڪم جي لاءِ ماحول ۽ مالي امداد مهيا ڪئي. هن يونيورسٽي ۾ حياتيات جي انسٽيٽيوٽ جي افتتاح جي موقعي تي هينري هڪسلي کي تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. هنري هيڪسلي لبرل ۽ سيڪيولر تحقيق جو حامي هـو. ان ڪري هن کي عام طور تي ڪافر ڪوٺيو ويندو هو.

جان هاپڪنس (John Hopkins) جنهن هن يونيورسٽيءَ جي قيام لاءِ ٣٥٠٠،٠٠ پنجٽيهہ لک ڊالر ڏنا هئا. تنهن جي روايت تي هلندي هڪ ٻئي علم دوست واپاريءَ جنهن جو نالو ڪلارڪ هو تنهن بــہ ڪلارڪ يونيورسٽيءَ لاءِ ڇهہ لک ڊالر گرانٽ طور ڏنا. ۽ هڪ لک ڊالر ڪتابن لاءِ جدا ڏنائين. وڏي ڳالهہ تہ ڪلارڪ هن يونيورسٽيءَ جي صدارت لاءِ انهيءَ ماڻهوءَ جـو انتخاب ڪيو هو، جيڪو مشهور استاد ۽ خيالن جو پڪو همت وارو هو. هـي مــاڻهو اسٽئنلي هال (Stanley hall) هـو. ١٨٩٩ع ۾ ڪلارڪ

يونيورسٽي جي هڪ تقرير ۾، جا هن اهڙي تقريب ۾ ڪئي، مسٽر هال چيو ته ”ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ ڦرق آهي. ڪاليج ۾ تربيت ۽ تعليم جو هڪ عام ۽ ويڪرو ميدان ٿئي ٿو. پر يونيورسٽيءَ ۾ هرڪنهن ڪم جو هڪ مقرر معيار ٿئي ٿو. ڪاليج انسان جي ذهن کي ويڪرو ڪري ٿو ۽ يونيورسٽي انهن کي تيز ڪري ٿي. ڪاليج روايتي علم ۽ معلومات تي ٻاڙي ٿو. پر يونيورسٽي تحقيق ۽ ايجاد جي وسيلن سان نوان علم پيدا ڪري ٿي. (شايد هنن لفظن ۾ اسان جي لاءِ به ڪجهه موجود آهي)

## تحقيق جا مالي وسيلا

تحقيق جي مالي وسيلن جو ڪاٿو لڳائڻ هن مضمون جي دائري کان ٻاهر آهي. پر انهيءَ ڳالهه کي سمجهائڻ لاءِ ته علم دوست انسان ڪيئن نه علم جي خدمت جي لاءِ وڏيون وڏيون رقمون ڏين ٿا. اسان رڳو ڪي مثال هيٺ پيش ڪري رهيا آهيون. هاپڪنس ۽ ڪلارڪ يونيورسٽين جو ذڪر اسان اڳ ۾ ڪيو آهي. ١٩٣٢ع ۾ آمريڪا ۾ تحقيق جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ وارن ادارن (Foundations) جو تعداد ١٢٥ هئو ۽ هنن ادارن جي ڪل موڙي ١٠٠٠٠٠٠٠٠٠ ڊالر هئي. ١٩١٧ع ۾ برطانيه جي حڪومت صنعت ۽ سائنس جي تحقيق جو کاتو قائم ڪيو ۽ ١٩٣٢ع ۾ هن کاتي جو ڪل خرچ ٥٣٤٧٠٠ پائونڊ هو. ڪئناڊا، آسٽريليا، فرانس ۽ جرمني ۾ تحقيق جو وڏو خرچ حڪومتون برداشت ڪري رهيون آهن. روس به انهن ملڪن جي قطار ۾ شامل آهي. ١٩٣٢-٣٤ع واري عرصي ۾ جڏهن دنيا معاشي طور تي تباهه حال هئي، تڏهن روس ۾ ٤٠٠ کان ٤٨٠ تائين ته رڳو تحقيقي ادارا هئا. ١٩٣٣ع ۾ هنن ادارن ۾ ٣٥٠٠٠ هزار محقق تحقيق جو ڪم ڪري رهيا هئا.

تحقيق جي ڪم جو خرچ صنعتون به برداشت ڪنديون

رهيون آهن ڇاڪاڻ ته تحقيق صنعتي ترقيءَ جي ضمانت ڏئي ٿي. آمريڪا ۾ صنعت جي مالي امداد جو انگ ١٩٣٠ع ۾ ١،٠٠٠،٠٠٠،٠٠٠ ڊالرن جيترو ڏيکاريو ويو آهي. ١٩٣٤ع ۾ بيل ٽيليفون ليبارٽريز جو تحقيق تي ڪل خرچ ١٥،٠٠٠،٠٠٠ ڊالر هو. ان اداري ۾ ساڳئي سال ملازمين جو تعداد چار هزار هئو.

## تحقيق جا علمي وسيلا

هن ڀڃاڻان اسان هاڻي انهيءَ مرحلي ۾ داخل ٿي ويا آهيون جتي اسان کي تحقيق يا علم تحقيق جي ڪن ٻين ڳالهين جو ذڪر ڪرڻو آهي. هل وي (Hillway) صاحب يا ٻيا عالم تحقيق جي وسيلن کي ٻن حصن ۾ ورهائين ٿا. اهي هي آهن:

(١) بنيادي وسيلا (Primary Resources)

(٢) ثانوي وسيلا (Secondary Resources)

هي عالم انهن وسيلن جو ذڪر ڪونه ٿا ڪن، جن جو تعلق انسان جي افرادي قوت (Man power) سان آهي ڇو ته هنن صاحبن جي راين ۾ تحقيق جو سماجي رڪارڊ شامل نه آهي. اسان مٿي هنن صاحبن جا رايا ڏئي چڪا آهيون. اسان جي پنهنجي طريقي ۾ تحقيق جو عمل سماجياتي ۽ سماجي عمل آهي ان ڪري اسان جي لاءِ تمام وڏي اهميت انهن وسيلن جي آهي، جن جو تعلق افرادي قوت سان آهي. هنن وسيلن کي اسين افرادي قوت سمجهون ٿا. اسان هنن وسيلن جي هڪ لسٽ مٿي به ڏيئي آيا آهيون ۽ اسان هنن وسيلن جي اهميت تي به اشارو ڪيو آهي. هيٺ اسين هاڻي ٽن وسيلن تي ويچار ڪنداسون.

### (الف) بنيادي وسيلا (Primary Resources)

هي وسيلا اهي آهن جن جي معلومات پهرئين ۽ بنيادي

مونو گرام بہ شايع ڪرڻا آهن ۽ ان کان سواءِ خالص ادب، تنقيد، ادبي تاريخ، فلسفي، سماجيات، نفسيات ۽ سياست تي بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب لکڻا ۽ لکائڻا آهن.

---

ڪم آيل ڪتابن جي لسٽ کي ببليوگرافي (Bibilio graphy) چيو ويندو آهي ۽ حواليءَ ڪتاب مان نقل ڪيل ٽڪري کي "حوالو" چيو ويندو آهي.

(ت) افرادي وسيلا

۱. تجربو (Expirence)
۲. مشاهدو (Observation)
۳. عقل (Reason)
۴. استدلال (Reasoning)
۵. احساس (Feelings)

(۱) تجربو (Expirence)

عام لفظن ۾ تجربو انسان جي عمل ۽ ردعمل جو اهو نتيجو آهي جيڪو انسان کي وڌيڪ مضبوط ۽ ڏاهو بڻائي ٿو. پوئين دور جون حالتون پنهنجن اڳين دورن جي حالتن کان وڌيڪ سڌريل ۽ بهتر ٿين ٿيون. سڌريل ۽ بهتر حالتون سڌريل ۽ بهتر انسان پيدا ڪن ٿيون. سڌريل ۽ بهتر انسانن ۾ اثر وجهڻ جي طاقت بهتر ٿئي ٿي. موٽ ۾ اهڙي طاقت وري ٻيهر سڌريل ۽ بهتر حالتون پيدا ڪري ٿي ۽ وري اهڙيءَ ريت ساڳيو عمل مڪمل ٿئي ٿو. پر ياد رکڻ گهرجي تہ عمل ۽ ردعمل جي هن چڪر ۾ هڪ "ٽيون" بہ موجود آهي، جنهن کي عام طور تي ٽاهم ڪرائينڊڙ عمل (Synthesis) چيو ويو آهي. انساني تاريخ جو هن قسم جو اڀياس جنهن جو تعلق انسان جي تجربي سان آهي، سو تاريخ جي جدلياتي

ماديت جي نظريي ۽ حياتيات جي ارتقا جي فلسفي جي مدد سان سمجهايو ويو آهي. تجربي جـي هن ذڪر مان معلوم ٿئي ٿـو ته تجربو بهتر حالتن پيدا ڪرڻ جو وسيلو آهي. بهتر حالتن پيدا ڪرڻ جو معاملو علم تحقيق ۾ رهيو آهـي. انسان نيون حقيقتون ڳولي ٿو ۽ انهن مان فائدو حاصل ڪري ٿـو. هـن طرح عمل تحقيق ۾ تجربو هڪ نمايان ڪردار ادا ڪري ٿو.

## (٢) مشاهدو (Observation)

انسان-جهان بين آهي پر اهو جمشيد جـي انهيءَ ڪهاوتـي پيالي جهڙو نه آهي، جنهن ۾ سڄو جڳ ڏسبو هو پر پاڻ پيالي کي ڪجهه به معلوم نه هوندو هو. جهان بيني اصل ۾ انهيءَ مشاهدي جو نالو آهي، جيڪو عقل استدلال ۽ احساس کان سواءِ حواسياتي وسيلن جو محتاج آهـي. هـن قسم جو مشاهدو انسان کي ثبوت، دليل، دعوي ۽ استدلال مهيا ڪري ٿو ۽ هن طرح مشاهدو تحقيق بڻجي ٿو.

## (٣) عقل (Reaosn)

عقل جي ميڪانيت (Mechanism) کي سمجهڻ-لاءِ نفسيات جي عالمن ذهن (Intelligence) تي وڏيون تحقيقون ڪيون آهن. ذهن جي باري ۾ هيڏي وڏي ذڪر جو مقصد هن مقالي ۾ موجود تي نه ٿو سگهي. ذهن اسان جـي پهرين ۽ بنيادي صلاحيت آهـي. هوموساپينس جيڪو انسان جو پهريون نسل هئو سو به ذهن جي ڪري پنهنجن بين نسلن کان نرالو هو. ذهن انسان کي سوچڻ جي طاقت ڏئي ٿو ۽ ان کي پنهنجن حالتن سان ٺاهه ڪرڻ (Adopta-tion) جي قوت ڏئي ٿو. سوچڻ جي طاقت سان انسان مسئلا حل ڪري ٿو، سکي ٿو، سوڪاري ٿـو، نظريه قائم ڪري ٿو، ۽ ڪليا ٺاهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو عقل يا ذهن جو تعلق علم تحقيق

۾ رکي.

ارسطو جي هن طريقي ۾ بعد ۾ کي ڪمزوريون ٻه ڳوليون لڌيون ويون هيون. اهي اسان هيٺ ڏيون ٿا:

(١) پهرين ٻن دعوائن جي درست هئڻ جو ڪو ثبوت ڏئي نه ٿو سگهجي.

(٢) ڪن حالتن ۾ ممڪن آهي ته ٻنهي دعوائن جو باهمي لاڳاپو غير منطقي هجي.

(٣) هن طريقي ۾ وڏو ڀروسو لفظي اهڃاڻن (Word Symbol) جي معنيٰ تي رکيو ويو آهي. اسان کي علم معنيٰ اهو ٻڌائي ٿو ته لفظن جي معنيٰ هرويرو لفظن جي لفظي صورتن تي مدار ڪونه ٿي رکي. ان ڪري هن طريقي کي اڻ پورو ۽ ڪمزور سمجهي سگهجي ٿو.

اهي سبب هئا جن جي ڪري سورهين صدي عيسوي ۾ فرانسز بيڪن (Francis Bacon) يوناني استدلال جي طريقي کي رد ڪري هڪ نئون طريقو ڏنو هو. فرانسز بيڪن پنهنجي تنقيد ۾ چيو هو ته:

يوناني اڳ ۾ ڪليو مقرر ٿا ڪن پوءِ انهن کي خيال ۾ رکي، هو جڙتو ۽ هٿراڌو دعوائون تيار ٿا ڪن.

## بيڪن

بيڪن جيڪو پنهنجو طريقو ڏنو ان کي انڊڪٽو طريقو چيو ويو آهي. هن طريقي ۾ جز جي مدد سان ڪل کي سمجهيو ويندو آهي جڏهن ته ارسطوءَ جي طريقي ۾ ڪل جي مدد سان جز کي سمجهيو ويندو هو.

بيڪن جي هن طريقي جا خاص مرحلا هيٺ ڏجن ٿا:

١. سند (Authority) جي برتري قبول نه ڪجي.

٢. فطرت جو مشاهدو غور سان ڪيو وڃي.

### اتفاق

اتفاق به علم حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي. انسان کي پاڻ جي ڄاڻ به ڇيو ويو آهي ته اتفاق سان حاصل ٿي هئي.

### ادم يا ٻيل

انهيءَ ڳالهه معلوم ڪرڻ لاءِ ته ڪهڙيون شيون زهريليون آهن، انسان اڳ ۾ زهر وارين شين کي چکيو هو. هن قسم جو چکڻ هڪ ادم هو، جنهن جو مقصد هو نيون حقيقتون معلوم ڪرڻ. پر ان ادم ۾ هڪ غلطي هئي ته زهر چکڻ مان نقصان جو امڪان به هو.

### ڪليا مقرر ڪرڻ

مٿي آيل ٻن طريقن جي نتيجن ۾ انسان تجرباتي طور تي ڪي ڪليا مقرر ڪيا. هن طرح معلوم ٿئي ٿو ته بنيادي طور تي انسان جي علمي ۽ عملي زندگيءَ جو وڏو تعلق تجربي سان آهي. هن تجربي کي (Experince) ۽ پر (Experiment) چيو ويو آهي. پر حقيقت ۾ هنن ٻن لفظن ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي.

### احساس (Feelings)

استدلال جي طريقن ۾ خود انسان جي محسوس ڪرڻ جي طاقت ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. اهو سوال خاصو اهم آهي. انسان جي عمل جو ڪوبه اڀياس تيستائين مڪمل ڪونه ٿو ٿئي، جيستائين احساس جي ڪردار کي پوري ريت نه ٿو سمجهيو وڃي. احساس کي نظرانداز ڪرڻ جو وڏو سبب جيڪو ڪن عالمن جي

رڳو سائنس جي پرک ۽ تپاس لاءِ هڪ ميدان ڏاهڻ جو ڪم ڏئي ٿو. مواد (Subject matter) سائنس تڏهن به نه ٿو ٿي سگهي. سچي ڳالهه اها آهي ته سائنس علم نه آهي پر علم حاصل ڪرڻ جو هڪ طريقو (Method) آهي. علم گهڻن ئي طريقن سان حاصل ڪري ٿو سگهجي ۽ سائنس به انهن طريقن مان هڪ طريقو آهي ان ڪري سائنس لاءِ موزون لفظ علم نه پر علمي طريقو آهي.

انهيءَ سوال جو جواب ته ريڊيو چا آهي. سنڌيءَ ۾ صفحي يا اڌ صفحي لکڻ سان به ڏئي ٿو سگهجي، اهو صفحو يا اڌ صفحو مواد آهي ۽ اسان جي علم جو رڪارڊ آهي ۽ ان ڪري اهو صفحو يا اڌ صفحو علم ته آهي پر اهو صفحو يا اڌ صفحو سائنس نه آهي. سائنس اها شيءِ آهي، جنهن جي وسيلي اسان انهيءَ سوال جي جواب لکڻ جي لائق ٿيون، ته ريڊيو چا آهي؟ ان ڪري ريڊيي جي باري ۾ اسان جو جيڪو علم آهي، ان کي پيدا ڪرڻ جي ذميواري هڪ طريقي تي آهي ۽ اهو ئي طريقو آهي جنهن کي اسان سائنس ٿا سڏيون.

ان ڪري جڏهن اسان جو استاد ڪلاس ۾ اهو ٿو ٻڌائي ته مادي جون خاصيتون ڪهڙيون آهن، تڏهن هو سائنس ڪونه ٿو پاڙهي. جڏهن هو اهو ٿو ٻڌائي ته گل جا پاڳا ڪهڙا آهن، تڏهن به هو سائنس ڪونه ٿو پاڙهي. جڏهن هو اهو ٿو ٻڌائي ته گرميءَ جا درجا ڪهڙا ۽ ڪيترا آهن، تڏهن به هو سائنس ڪونه ٿو پاڙهي.

اسان جو استاد سائنس رڳو ان وقت ٿو پاڙهي جڏهن هو اوزارن جي وسيلي مادي جون خاصيتون لهڻ لاءِ تجربو ٿو ڪري. جڏهن هو آتشي ۽ وڏو ڪري ڏيکاريندڙ شيشن جي وسيلي گل جا جا ننڍا جزا چوڪرن کي ڏيکاري ٿو، ۽ جڏهن هو گرمي ماپڻ وارن اوزارن جي وسيلي گرميءَ جا درجا ڏسي ٿو ۽ اوزارن ۾ پاري کي لهندي ۽ چڙهندي ڏيکاري ٿو.

جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي، سائنسي طريقي جو بنياد آهي ئي تجربي تي. ان ڪري جا ڳالهه اوزارن ۽ شين جي مدد

۽ خير ڪندڙ ويچاري جا هٿ سڙڻ لڳندا آهن.

هتراڏو مذهبي اڳواڻن پولينڊ جي هڪ ڪاهوڙي ڪاپرنيڪس (Copernicus) تي ڏمر نازل ڪيو هو.

ريسرچ جو ڪم قربانيءَ جو ڪم آهي. ڇو ته ڪاهوڙيءَ کي اها خبر ڪانه هوندي آهي ته هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندو يا نه ٿيندو. اهڙي حالت ۾ هو ويچارو پنهنجي پورهئي ۽ وقت جي قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿي پوءِ ڪم ۾ هٿ وجهندو آهي. ريسرچ جي ڪم ۾ ڪيترن نيڪ ماڻهن پنهنجيون جانيون به قربان ڪيون آهن. سر رونالڊ روس پنهنجي جسم کي جدا جدا مڇرن کان ڏنگرايو ۽ سفلس بيماريءَ جي دوا لهڻ واري پنهنجي جسم ۾ بيماريءَ جا جزا وڌا هئا ته جيئن ڪيس معلوم ٿئي ته اهڙن جيوڙن جو انسان جي جسم تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو.

ريسرچ ڪرڻ واري ماڻهوءَ لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته هو ريسرچ ڪرڻ جي تربيت حاصل ڪري. بي هنر ڪاهوڙي انسان جي سماج جو سڌريل فرد ٿي نه ٿو سگهي. انهيءَ خيال کان ريسرچ ڪرڻ واري ماڻهوءَ جي لاءِ خيال جي اونهائي ۽ فڪر جي صفائي تمام ضروري آهي.

ريسرچ جي ڪم ۾ وڏي ڳالهه آهي انهن شين جو اونهو ۽ ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ جن تي ريسرچ ٿي رهي آهي. هي اڀياس لڳاتار ڪرڻو پوندو آهي ۽ ان اڀياس جي ذري ذري ۽ نتيجن جي تِرَ تِرَ کي رڪارڊ ڪرڻو پوندو آهي. هن باري ۾ ٿوري ويسر، ڀل چڪ يا بي پرواهي سڄي ڪم کي ڊاهي ۽ خراب ڪري ٿي سگهي.

ريسرچ جي ڪم ڪرڻ واري جو وڏي ۾ وڏو گڻ اهو آهي ته هو سچ ۽ حقيقت جي اٽل ۽ لازوال هجڻ ۾ ويساهه رکندو هجي. هو سچ جو سچو عاشق هجي ۽ حقيقتن جو پوڄڪ هجي. هن جي زندگيءَ جو مقصد وصل نه پر تلاش هجي. هن جي تلاش فاني شين لاءِ نه پر ازلي ابدي حقيقتن لاءِ ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ

### ريسرچ ۽ سائنسي طريقا:

هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته ريسرچ جو سائنس جي طريقي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي ۽ اها ڪهڙي ريسرچ آهي جنهن کي سائنسي ريسرچ ٿو چئجي. سائنس جي ميدان تي ريسرچ جي معنيٰ آهي اها جاکوڙ، اها محنت ۽ اها ڇڪاس ۽ تپاس، جيڪا رسمي طور تي ڪنهن نه ڪنهن مقرر ڪيل ۽ آزمايل سرشتي پٽاندر انهيءَ ڪري ڪئي وڃي ته جيئن سائنس جي طريقي کي ڪم ڪرڻ ۾ سهولت ٿئي. ڏنو ويندو ته ريسرچ هن خيال کان سائنس جي طريقي کي ڪم ڪرڻ لاءِ ميدان ۽ مواد فراهم ڪري ٿي ڏئي. آن ڪري ڪنهن به ملڪ ۾ سائنس جي طريقن سان علم حاصل ڪرڻ لاءِ ريسرچ کان سواءِ ترقي حاصل نه ٿي آهي. ريسرچ ۾ جنهن تپاس ۽ ڇڪاس (Investigation) تي زور ڏنو ويندو آهي. انهيءَ لاءِ مقرر ڪيل اصولن ۽ ڪنهن نه ڪنهن نظام (System) جي قاعدن تي عمل ڪرڻو پوندو آهي ۽ پنهنجي تجربن جو هڪ رڪارڊ به رکڻو پوندو آهي.

هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته خود ريسرچ ۾ به سائنسي قسم جي سوچ ۽ سائنس جي طريقن جي وڏي ضرورت آهي. اها ريسرچ جيڪا سائنس جي طريقي سان نه ڪئي وڃي ٿي، سا سائنس جي ڪم جي نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪن اڪابرن ريسرچ ۽ سائنس کي هڪ ئي شيءِ سمجهيو آهي. جيتري ضرورت سائنس کي ريسرچ جي آهي، اوتري ئي ضرورت ريسرچ کي سائنس جي آهي.

انهن قومن ۾ جيڪي سائنس جي طريقن کي استعمال ڪرڻ جي لائق اڃان نه ٿيون آهن ۽ جيڪي پنهنجي تجربن جو بنياد ريسرچ کي نه پر وهمن، نظرين، عقيدن ۽ گمانن کي سمجهن ٿيون، تن ۾ ڪاهوڙي يا ريسرچ ڪرڻ واري ماڻهوءَ (Researcher) جو جيڪو تصور آهي، آهو اهو آهي ته هن قسم جو ماڻهو اڌ مغزي،

رکو ۽ سگهي کاڻ جهڙو آهي ۽ هو اجايو سجايو سچو ڏينهن شيشن ۽ ڪيميائي شين سان ويٺو ٿو حرڪتون ڪري، پر حقيقت اها نه آهي. ريسرچ ڪا حيرت جهڙي ۽ عجيب ڳالهه نه آهي. عام رواجي زندگيءَ ۾ روزمره هزارين ماڻهو اڪيلي سر يا ٽولن ۾ ڪوجنا ۽ تپاس جو ڪم ڪندا ٿا رهن. اهو ڪم اسڪولن ۾ به ٿئي ٿو ته تجربي گاهن ۾ به ٿئي ٿو. اهو ڪم ٻنيءَ ۾ به ٿئي ٿو ته ڪارخانن ۾ به.

حقيقت ۾ اسان جي ڪلچري ترقي (Cultural Devel-opment) جو راز به انهيءَ ڳالهه ۾ آهي ته اسان ڄاڻي واڻي يا بي خياليءَ ۾ ريسرچ ڪندا ٿا هلون. ريسرچ جو مقصد آهي جهالت جي اونداهي کي پوئتي هٽائي نوان سچ ۽ نيون حقيقتون هٿ ڪرڻ. اهي سچ ۽ اهي حقيقتون انسان جي ذهن وسيلي ۽ سوچ ۽ ويچار سان هر هنڌ لڀي رهيون آهن. اڄ ڪان ڏهه سال اڳ واري هاريءَ کان اڄوڪو هاري وڌيڪ ڏاهو آهي ۽ اڄ کان رکو پنج سال اڳ واري استاد کان اڄوڪو استاد وڌيڪ هنرمند آهي.

## مسئلي جي چونڊ (Selection of Problem) :

جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي، هر ريسرچ جو مقصد آهي مسئلا حل ڪرڻ ۽ انسان جي علم جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ نيون راهون کولي ڏيڻ. ان ڪري جاکوڙ ڪرڻ واري (ريسرچر) لاءِ اهو ضروري آهي ته انهن سوالن جي مقصد کي چڱيءَ طرح سمجهي جيڪي انسان ذات کي حل ڪرڻا آهن ۽ انهن سوالن مان اهڙا سوال چونڊي جيڪي تمام جلد حل ڪرڻا آهن ۽ پوءِ انهن سوالن مان اهو سوال چونڊي ڪڍي جنهن کي هو پاڻ حل ڪري سگهڻ جي طاقت ساري سگهندو هجي. سوالن کي سمجهي انهن مان اهم سوال چني ڌار ڪرڻ ايترو سولو نه آهي، جيترو سمجهيو وڃي ٿو. مسئلي يا سوال جي چونڊ جي باري ۾ جيڪي ڏکيائون يا مشڪلون سامهون اچن ٿيون، اهي ڪيترن ئي قسمن جون آهن. اختصار سان

جي خلاف معلوم ٿي ويندي آهي ته پوءِ ڳولائو ان جا سبب معلوم ڪندو آهي ۽ ان کي پنهنجي مقصد جي لاءِ استعمال ڪندو آهي.

ريسرچ هڪ هنر آ ۽ ڳولائو جي حيثيت هڪ ماهر جهڙي آهي. ڳولائو فقط ڪنهن مامري ۾ ماهر هوندو آهي. هن جو علم فقط هڪ انساني مامري جي باري ۾ هوندو آهي. هن جو علم فقط هڪ اهم سوال جو هڪ حل ڏي ڪڍڻ لاءِ هوندو آهي، جنهن کي ٻيا ماڻهو آسانيءَ سان سمجهي سگهن ۽ فائدو حاصل ڪري سگهن. سنو ماهر ۽ ڳولائو اهو آهي، جو ڏڪي باز نه هجي. هر واقفڪار ماڻهوءَ جيان سوچ سمجهه ڪان پوءِ اهڙي سوال ڏي پهچي ٿو، جنهن جي جواب ڏيڻ سان هن جو مسئلو حل ٿي وڃي ٿو.

تعليمي تحقيق جي حالت ۾ هرڪو ڪم جدا جدا ماهرن جي ڪوشش سان ڪيو ويندو آهي. هن باري ۾ ڪنهن به هڪ جاڪوڙيءَ جي ڪوشش جو نتيجو ڪوبه نه ٿو نڪري. ڇو ته تعليمي تحقيق جو سوال انساني ذهن، چارجت، صلاحيت ۽ ان جي بنايل نصابن ۽ ڪتابن سان تعلق رکي ٿو. ظاهر آ ڪوبه هڪ ماڻهو ايترن مامرن ۾ مهارت حاصل ڪري ڪونه ٿو سگهي. هن باري ۾ مواد (Data) جمع ڪرڻ ۽ ان کي وڏيڪ ڇنڊ ڇاڻ جو ڪم به اهڙو آهي جو ڪوبه هڪ محقق، ان جو حق ادا ڪري ڪونه ٿو سگهي. هن باري ۾ وڏيڪ ويچار ۽ لوچ لاءِ ڪي ڳالهيون اڳتي ڏجن ٿيون.

(١) مضمون يا مقالو
(٢) تحقيقي مقالو
(٣) تحقيقي ڪتاب

ڪن حالتن ۾ اسان وٽ ريسرچ فيلو جي پابندين ۾ به اها ڳالهه شامل آهي ته تحقيقي ڪتاب پيش ڪيو وڃي. هن حالت ۾ اهڙي ڪتاب کي اسين فيلوشپ مقالو چئون ته بهتر ٿيندو. هن حالت ۾ فيلوشپ مقالو اسان جي تحقيقي عمل جو چوٿون ڏاڪو ٿيندو.

(تحقيق جي هن عمل کي ڪاميابي سان هلائڻ لاءِ اسان وٽ تربيتي پروگرام يا تعليمي مضمون ڪونهي آهي. جڳهائي اڻين ته اسان تمام جلد هڪ نصاب تيار ڪري هڪ ڪتاب لکي هڪ ڊگري ليول تي پاڙهيون. هن باري ۾ نصاب ڪميٽي مقرر ڪئي وڃي، جيڪا نصاب سان گڏ تدريس جو هڪ عملي پروگرام به تيار ڪري).

ڊگريءَ جي ليول تي اسان وٽ ڪوبه تحقيقي ڪم ڪيو ڪونه ٿو وڃي. هن سطح تي اسان صرف تدريسي ڪم ڪري رهيا آهيون. يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڊگريءَ جي سطح تي به تحقيق جو ڪم ڪيو ويندو آهي. ان ڪري آمريڪا ۾ گريجوئيٽ اسڪولن کي خاص مقام حاصل آهي. هن قسم جا اسڪول اسان جي ڪاليجن جو درجو رکن ٿا. بيسٽ (Best) لکي ٿو: ”شاگرد جو پهريون تحقيقي پروگرام اهو آهي، جيڪو هو ڪاليج ۾ پورو ڪري ٿو. هن تحقيق جو مقصد آهي ڊگريءَ جي نصاب جي هڪ حصي جي پورائي ڪرڻ يا ڪنهن مٿانهين ڊگريءَ کي حاصل ڪرڻ. هن حالت ۾ ضروري ناهي ته شاگرد کي باضابطي تحقيقي عمل ۾ شريڪ ڪيو وڃي پر اهو ضروري آهي ته شاگرد کي اهڙي عمل ۾ اڳتي هلي شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي.“

هن طرح تحقيق جي مربوط (Unified) نظام ۾ تحقيق جون ڪل پنج منزلون مقرر ڪري ٿيون سگهجن.

١- تحقيق جو ابتدائي پروگرام (هي پروگرام تربيت جي حد تائين هجي).
٢- مضمون يا مقالو
٣- تحقيقي مقالو
٤- فيلو شپ
٥- تحقيقي ڪتاب

هنن پنجن منزلن ڪـي ڪاميابيءَ سان پـوري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته علم تحقيق جي تعليم کي به جدا جدا پنجن حصن ۾ ورهايو وڃي. هر حصي ۾ تحقيق جي معيار ۽ شاگرد جي صلاحيت ۽ لوڙــل تعليمي نصاب جـو خيال رکيو وڃـي. علم تحقيق جـو مضمون سائنس تـوڙي آرٽس جي سڀني مضمونـن ۾ لازمي اختيار ڪيو وڃي ۽ علم تحقيق کي هڪ الڳ مضمون جي حيثيت ڏيئي ان کي مهارت جي لاءِ رکيو وڃي. هن حالت ۾ ڊگري سطح تي علم تحقيق کي خاص مضمون جي حيثيت سان پاڙهي سگهجي ٿو. پر هن لاءِ ضروري آهي تـه علم تحقيق جـو هڪ عملي ۽ برجسته نصاب مقرر ڪيو وڃي.

هن باري ۾ هڪڙو وڏو سوال انهن مسئلن جي هڪ لسٽ جو آهي، جنهن کي ڪنهن نه ڪنهن مقرر ٿيل معياد اندر هر هڪ ڏاڪي تـي پراجيڪٽن جـي حيثيت سان اختيار ڪري سگهجي. مسئلن يا سوالن يا موضوعن يا پراجيڪٽن جي هيءَ لسٽ به نصابي ڪميٽيءَ جي ذميوارين ۾ شامل آهي. بهتر تحقيقي پروگرام جـي ملائڻ جو دارومدار آهي:

١- بهتر تربيت
٢- بهتر رهبري
٣- بهتر نصاب
٤- نصاب جي بهتر ورڇ
٥- مسئلي جي چونڊ ۾ خبرداري
٦- مسئلن جي ورڇ

٧- محقق جي اخلاقي تربيت

محقق جي اخلاقي تربيت سان گڏوگڏ محقق جي رهبر پروفيسر جي ذهني بلوغت ۽ عقلي صحت جو سوال به خاصو اهم آهي. هنن ڳالهين کان سواءِ رهبر پروفيسر جي پيشيائي قابليت ۽ تحقيقي معيار کي به درگذر ڪري نه ٿو سگهجي. پر جڏهن محقق شاگرد پاڻ تربيت يافته آهي ته پوءِ رهبر پروفيسر جو ڪم ڪافي گهٽ ٿي سگهي ٿو.

## مسئلي جي چونڊ جا بنياد

اسان اڳيئي مسئلي جي چونڊ جي باري ۾ ڪن عام ڳالهين جو ذڪر ڪري چڪا آهيون. هت اسان انهيءَ ڳالهه تي ويچار ڪنداسون ته مسئلي جي چونڊ ڪهڙين ڳالهين تي آهي. هي ڳالهيون اسان هيٺ ڏيون ٿا:

## رهبر استاد جو پيشيائي تجربو

رهبر استاد پنهنجي تعليم ۽ تحقيق جي ڪم يا پنهنجيءَ تعليم ۽ تربيت جي دور ۾ ڪيترن ئي مسئلن کان واقف ٿئي ٿو، جيڪي هو پاڻ هڪدم حل ڪري نه ٿو سگهي. پر هو انهن جي باري ۾ هڪ رايو قائم ڪري ٿو يا انهن کي هڪ هنڌ نوٽ ڪري ٿو ڇڏي. هن حالت ۾ جڏهن محقق شاگرد سندس رهنمائيءَ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ٿو ڪري ته هو چاهي ٿو ته انهن مسئلن مان ڪو به هڪ هن جي نظر هيٺ حل ڪيو وڃي. هن مسئلي جي چونڊ جو هڪ بنياد مقرر ٿئي ٿو.

سوچڻ جي لاءِ ڪي سوال رکيا وڃن ۽ انهن ڳالهين ۾ شاگرد جي صلاحيت، ذهن، تعليم ۽ تربيت جو لحاظ رکيو وڃي.

مسئلي جي چنڊ ڇاڻ

هيٺ اسان وڌيڪ غور جي لاءِ مسئلي جي چنڊ ڇاڻ جا ڪي نقطا ڏيون ٿا:

١- مسئلو اهڙو هجي، جنهن کي تحقيق جي تعليم رستي اثرائتي نموني ۾ حل ڪري سگهجي.

٢- مسئلو ڪا نه ڪا اهڙي اهميت رکندو هجي جو ان کي حل ڪرڻ ضروري ٿي پيو هجي.

٣- مسئلو اهڙو هجي، جو ان تي اڳ ۾ ڪنهن به محقق ڪم نه ڪيو هجي.

٤- مسئلو اهڙو هجي، جنهن کي عملي طور تي شاگرد حل ڪري سگهي- يعني جنهن جي حل ڪرڻ لاءِ شاگرد وٽ تعليم، افرادي وسيلا، وقت، مالي وسيلا ۽ صبر ڪرڻ جي طاقت موجود هجي.

تحقيق جي ڪم جي سٽا

(The Agenda or Research Proposal)

سٽا جي باري ۾ اهو خيال درست نه آهي ته مقرر ڪيل سوال سڀ حل ڪري سگهبا يا هرهڪ تي هڪ ياڳو لکي سگهبو يا هرهڪ جي لاءِ ضروري ڏيٽا ۽ وسيلا موجود ٿي سگهندا. سٽا فقط انهيءَ خيال سان تيار ڪري سگهجي ٿي ته ڪم شروع ڪرڻ لاءِ هڪ رخ مقرر ٿي سگهي. عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته مڪمل مسودو بنيادي سٽا ڪان ڪي قدر مختلف ٿئي ٿو. اصل تجربو ڪم ڪندي حاصل ٿئي ٿو. ڪي موضوع ڇڏي ڏيڻا پون ٿا ۽

الڳ ادبي، ثقافتي ۽ سياسي يونٽ هئو؟" يا ڇا ميرن جي صاحبي ۾ خيرپور جي ضلعي جي هڪ الڳ ادبي، ثقافتي ۽ سياسي حيثيت هئي؟ يا اهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن، جن جي ڪري چئي سگهجي ٿو ته ادبي، ثقافتي ۽ سياسي حيثيت سان ميرن جي دور ۾ خيرپور ضلعي کي هڪ نرالي (Distinctive) حيثيت حاصل هئي. اهڙي ريت هر نقطي لاءِ تحريري طور تي هڪ مفروضو مقرر ڪرڻ تمام ضروري آهي. هي مفروضو سوال جي شڪل ۾ به لکي سگهجي ٿو، جيئن اسان مٿي لکيو آهي. پر هي مفروضو، مفروضي جي زبان ۾ به لکي سگهجي ٿو. مثال طور: خيرپور جي ميرن ادب جي ترقيءَ لاءِ وڏو ڪم ڪيو. يا خيرپور جي ميرن ادب جي باري ۾ ڪو نمايان ڪم ڪونه ڪيو.

هن طرح هرهڪ نقطي جي باري ۾ مفروضن يا مفروضي مقرر ڪرڻ کان پوءِ وري هڪ دفعو وسيلن جو جائزو وٺڻ گهرجي ۽ جڏهن اطمينان ٿئي ته هر مفروضي جي حل جي لاءِ موزون ۽ ضروري وسيلا موجود آهن، تڏهن پڙهڻ ۽ نوٽ وٺڻ ۽ هن حالت ۾ بنيادي وسيلن جي تلاش جو ڪم شروع ڪرڻ گهرجي.

ڏٺو وڃي ته سٽاءَ جي تياري لاءِ هيٺ ڏنل مرحلا ضروري آهن:-

١- مسئلي جي تحريري صورت.

٢- مسئلي جي تحريري صورت جي آڌار تي ان جا جدا جدا ڀاڱا ڪرڻ.

٣- هرهڪ ڀاڱي يا نقطي جي باري ۾ مفروضو يا مفروضا مقرر ڪرڻ.

سٺي سٽاءَ اُها آهي، جا صاف، سڌي سنئين، وسيلن آهر تيار ڪيل ۽ موزون مفروضن ۾ ورهايل آهي.

### ٽائيم چارٽ (Time Chart)

ڪي پروفيسر يا تعليمي ادارا هرهڪ تحقيق جي ڪم جي

گڏيل (Inter-Departmental) پروگرام آهي، جيڪو هڪ شعبي جا جدا جدا پروفيسر گڏ پورو ڪن ٿا. پر هي پروگرام ڊپارٽمينٽ جي صدر جي نظرداري هيٺ يا ڪنهن ب هڪ پروفيسر جي نظرداري هيٺ جدا جدا شاگرد ب پورو ڪري سگهن ٿا. هن قسم جا تحقيقي پروگرام ڪن حالتن ۾ هڪ بورڊ جي معرفت هلايا ويندا آهن. ان بورڊ کي اهڙيءَ ريت تيار ڪيو ويندو آهي، جو ان ۾ جدا جدا شعبن ۾ مهارت رکڻ وارن ماڻهن کي شامل ڪيو ويندو آهي.

## ڪتب خاني کي استعمال ڪرڻ جي تربيت

علم تحقيق جي نصابي پروگرام ۾ انهيءَ ڳالهه کي شامل ڪرڻ گهرجي ته شاگردن کي ڪتب خاني جي استعمال جي تربيت ڏني وڃي. يونيورسٽين جي ڪتب خانن ۾ اڪيچار ڪتاب ٿين ٿا ۽ رکيو هڪ برانچ ۾ يا سيڪشن جا ڪتاب ب ايترا ٿين ٿا جو هڪ شاگرد کي پنهنجي ضرورت جو ڪتاب ڳولهي لهڻ وڏو مشڪل ڪم آهي. هن مسئلي جي حل جي لاءِ عملي قدم ب کنيا وڃن. عام طور تي هر هڪ شعبي جي هڪ سيمينار لئبرري ٿئي ٿي، جنهن ۾ شعبي سان واسطو رکڻ وارا اهم ڪتاب رکيا ويندا آهن.

هن باري ۾ هڪ طريقو اهو ب ٿي سگهي ٿو ته هر هڪ شعبي وٽ پنهنجي شعبي جو ڪئٽالاگ ب موجود هئڻ گهرجي، جيئن واسطيدار پروفيسر کي اهو معلوم هجي ته سندس لئبرري کان سواءِ هن شعبي جي لاءِ يونيورسٽيءَ جي وڏي لئبرري ۾ ٻيا ڪهڙا ڪتاب رکيا ويا آهن. هن حالت ۾ شاگرد محقق سيمينار لئبرري، ان لئبرريءَ جي هلائڻ واري پروفيسر جي مدد حاصل ڪري سگهي ٿو. پر اصل ۾ هن قسم جو بندوبست سڄي مسئلي جو حل پيش ن ٿو ڪري.

سجي مسئلي جو حل هن ڪلاهه ۾ آهي ته شاگردن کي ڪتب خانو استعمال ڪرڻ جي تربيت ڏني وڃي. هن تربيتي پروگرام ۾ شاگرد کي جن ڳالهين جي واقفيت ڏيڻ گهرجي، سي هيٺ آنجون ٿيون:

١. يونيورسٽيءَ جي ڪتب خاني جي اسٽاف سان واقفيت.
٢- يونيورسٽيءَ جي ڪتابن جي بندوبست جو سرشتو.

حقيقتن کي پاڻ درست نه ٿو ثابت ڪري. هن طرح تحقيق جي ڪنهن به ارادي ۾ وڏي ۾ وڏي اهميت محقق جي انهيءَ عقلي راه جي آهي، جيڪا شاهدين (Evidences) جي بنياد تي قائم ڪئي ويئي آهي.

هن باري ۾ مشهور محقق گئليلو جو مثال ڪافي آهي. گئليلو کان اڳ ۾ عام خيال اهو هئو ته ”ڳوريون شيون هلڪين شين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تڪڙيون ڪرنديون“ پر گئليلو ان وقت تائين انهيءَ راه تي ڀروسو نه ڪيو، جنهن وقت تائين هن (Pisa) جي منارې تان ڳوريون ۽ هلڪيون شيون پاڻ ڪيرائي نه ڏٺيون.

گئليلو جي هن طريقي کي جيڪا ٽين خصوصيت مليل آها اها هئي ته منطقي ٽوڙي مستند وسيلن جي مدد سان مليل حقيقتن کي به وري ٽوري، تڪي ڏسجي ۽ انهن جي غلط ۽ برابر هئڻ جي باري ۾ ڪو نه ڪو فيصلو ڪجي.

سائنسي طريقي جي چوٿين خصوصيت جي باب ۾ چيو ويو آهي ته دليل جيڪو به ڏنو وڃي اهو منطقي اصولن تي هئڻ گهرجي. ”منطق کي استدلال جي ٻولي ڪوٺيو ويو آهي.“

هن طرح سائنسي طريقي جون خصوصيتون اسان هيٺ هڪ هنڌ ڏئي رهيا آهيون:

١- وجداني طريقا ان وقت تائين اهميت نه ٿا رکن، جنهن وقت تائين انهن جي دريافتن کي عقل ۽ استدلال جي تائيد حاصل نه آهي.

٢- سند کي اکيون ٻوٽي قبول نه ڪيو وڃي.

٣- منطقي طريقن سان اڳي مقرر ڪيل حقيقتن کي به وري جانچي ڏسجي. (گئليلو جو مثال)

٤- استدلال جي لاءِ منطق جا طريقا ڪم آندا وڃن.

هن کان اڳتي اسان سائنسي طريقي ۽ ان جي مرحلن تي وڌيڪ بحث ڪنداسون.

(١) مسئلو سوال يا موضوع .

سڀ ڪان اڳي محقق کي پنهنجيءَ معلومات يعني:
الف ـ تجربي
ب ـ مشاهدي
ج ـ عقل جي آڌار تي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته سنڌس سماج ۾ يا سنڌس علمي دنيا ۾ يا سنڌس دور ۾ اهو ڪهڙو مسئلو يا علمي سوال آهي، جنهن کي هو پاڻ حل ڪري ته ڪو سگهي يا جنهن جي حل ڪرڻ جي ضرورت عام طور تي محسوس ڪئي ٿي وڃي يا جنهن جي حل ڪرڻ سان ڪهو نه ڪو مسئلو حل ٿي ويندو يا جنهن جي حل ڪرڻ سان عام طور تي ٻين ماڻهن جي انفرادي قوت به بهتر ٿي سگهندي ۽ جنهن مان وڌيڪ تحقيق جا موقعا ملي سگهندا.

(هن قسم جي سوچ کي خيال ۾ رکبو ته معلوم ٿيندو ته سنڌي ٻوليءَ، ادب، شاعريءَ، سماج ۽ تاريخ جا اڄ سوڌا ڪيترا مسئلا اڻڙا آهن، جن جي پنهنجي اهميت تي اسان ڪونه سوچيو آهي).

هن مرحلي تي تعليمي ۽ تحقيقي ادارا يا انهن جا سربراهه يا ڊپارٽمينٽس جا سربراهه محقق شاگرد جي مدد ڪري ٿا سگهن پر اصل سوال اهو آهي ته خود تحقيق ڪرڻ وارو به اهو يقين رکندو هجي ته هن جي سامهون آيل سوال يا مرحلو واقعي حل ڪرڻ جهڙو آهي ۽ ان جي حل ڪرڻ سان علمي طور تي ڪو نه ڪو فائدو ٿيندو. مسئلي جي چونڊ لاءِ وڌيڪ جن ڳالهين جي ضرورت پوي ٿي، اسان انهن کي هيٺ ڏيکاري رهيا آهيون:

١ـ مسئلا جيڪي انسان اڳيان موجود آهن، انهن مان هرهڪ جا ڪيترا ئي پهلو آهن ۽ هر پهلو کي سمجهڻ لاءِ هڪ جدا تعليم ۽ جدا تربيت جي ضرورت پوي ٿي. ان ڪري ضروري آهي ته مسئلي جي چونڊ جي وقت مسئلي جي جدا جدا ڀاڱن (Parts) جو اونهو

رکن ٿيون ۽ مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿيون. جيڪڏهن هنن حقيقتن مان ڪا به ويچار هيٺ نه رکي وئي ته ٿي سگهي ٿو ته مسئلي جو حل ملي نه سگهي يا ان جي حل ڪرڻ ۾ دشواريون پيش اچن.

## مفروضو (Hypothesis)

معلوم حقيقتن کي رڪارڊ تي آڻڻ کان پوءِ جڏهن انهن تي غور ڪجي ٿو تڏهن مسئلي جا ڪي "ممڪن حل" (Possible Solutions) سامهون اچن ٿا. هي سيئي حل درست ٿي نه ٿا سگهن ۽ اڳين به ٿي سگهي ٿو ته هنن سيني مان ڪو به درست نه هجي. مفروضي مقرر ڪرڻ جو هڪڙو فائدو اهو ٿئي ٿو ته شاهدين هٿ ڪرڻ جي راهه کلي ٿي پوي.

## آخري حل (Conclusion)

جڏهن شاهدين جي آڌار تي مفروضن جي چند ڇاڻ ڪجي ٿي، تڏهن ڪنهن نه ڪنهن مفروضي کي آخري طور تي قبول ڪجي ٿو. يا ٻنهي ٽنهين مفروضي جي ضرورت پيش اچي ٿي. ٽئين مفروضي جي حالت ۾ وري سڄي ريت مفروضي مڃڻ يا ٺڏي ڇڏڻ جو مرحلو پار ڪرڻو پوي ٿو ۽ آخرڪار آخري حل تي پهچي وڃجي ٿو.

شغل اختيار ڪري ٿو.

٤- محقق جي لاءِ ضروري آهي ته هو عام انساني مسئلن ڪان واقفيت رکڻ سان گڏ انسان دوستيءَ جو جذبو به رکندو هجي ڇو ته تحقيق ڪئي ٿي انهيءَ لاءِ ٿي وڃي ته ان مان انسان ذات کي فائدو پهچي. هن طرح محقق جي تربيتي نظام ۾ اخلاقيات سان گڏوگڏ انسان جي سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن جو نصاب به شامل هئڻ گهرجي.

٥- محقق جو ماهرو هڪڙي ماهر (Expert) جو ماهرو آهي ان ڪري محقق جي وڏي ۾ وڏي خوبي آهي ان جي مهارت جو اعليٰ معيار. هر ڪو پڙهيل ماڻهو ماهر ڪونه ٿو ٿئي. تمام ٿورڙا پڙهيل ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن ماهري ۾ ماهر ليکبا آهن. محقق جي مهارت جو دارومدار ان جي هيٺين ڳالهين تي آهي:

١. علم تحقيق ڪان واقفيت.

٢. پنهنجي مضمون ۾ وڏي ڄاڻ.

٣. صبر ۽ سڪون سان لاڳيتي ڪم ڪرڻ جي عادت.

٦- محقق جي سوچ ۽ عام پڙهيل ماڻهوءَ جي سوچ ۾ فرق هوندو آهي تحقيق جو هڪ ضابطو هوندو آهي ۽ ان جي تحرير جي صورت ان ضابطي کي ظاهر ڪندي آهي. سوچڻ جي هن طريقي کي پيدا ڪرڻ لاءِ به تربيتي نظام کان مدد وٺي ٿي سگهجي. هن باري ۾ منطق جي تعليم اسان جي مدد ڪري ٿي. منطق جي اڀياس ڪرڻ سان انسان جي سوچ جو هڪ نظام ٺهي ٿو. رياضي، قانون ۽ ٻيا اهڙا علم به سوچ جي سڌارڻ ۾ مدد ڏين ٿا ۽ سوچ جي سڌارڻ جو ڪم ڪن ٿا.

هن طرح اسان هڪ محقق جي تربيتي نظام جي لاءِ ڇهن نقطن وارو هڪ تربيتي نظام ۽ نصاب تيار ڪري ٿا سگهون. انهن ڇهن نقطن کي اسان هيٺ وري لکي رهيا آهيون:

(١) حقيقت پسندي

جي حوالي ڪرڻ. محقق ۽ پوليس آفيسر جي فرضن ۽ طريقن کي سمجهائڻ لاءِ هڪ وي: پنهنجي ڪتاب ۾ محقق ۽ پوليس آفيسر جي باري ۾ هڪڙو مثال پيش ڪيو آهي. هي مثال هيٺ ڏيکاريل ڪيس ۾ ڄاڻائي رهيا آهيون.

(١) صورتحال جو مشاهدو:

پن پوليس آفيسرن ڏٺو ته هڪ بي گاڏي تمام وڏي رفتار سان هڪ گهٽيءَ ڪان ڏوڪينڊي اڳتي وڃي رهي هئي ۽ آخر ٿاپڙجي پٿين سان ٽڪر کائيندي اونڌي ٿي پيئي.

(٢) مسئلي جي چونڊ:

پوليس آفيسرن جي فرض ۾ اها ڳالهه هئي ته هو تيز رفتاريءَ کي روڪن ۽ حادثن جا سبب معلوم ڪن. ان ڪري هنن پنهنجي لاءِ اهو مسئلو مقرر ڪيو ته آخر گاڏي ايتري رفتار سان ڇو هلي رهي هئي.

صورتحال جو وڌيڪ احساس ته جيئن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪي مفروضا مقرر ڪجن.

پوليس آفيسر ڏٺو ته:

١- گاڏيءَ جي انجڻ اڃا هلي رهي هئي.

٢- گاڏيءَ جا ڦيٿا ڦري رهيا هئا.

٣- گاڏيءَ جي اندر عورت جو لاش پيو هو.

٤- لاش جي پيشانيءَ تي تمام گهڻا زخم هئا.

پوليس آفيسرن هڪدم اهو مفروضو رد ڪري ڇڏيو ته هي ڪيس آمدرفت جو ڪيس هئو ڇو ته شاهديون انهيءَ مفروضي جي خلاف هيون. پوليس آفيسرن هي شاهديون هن طرح نوٽ ڪيون:

١- گاڏيءَ جي انجڻ هلي رهي هئي ۽ ڊرائيور عورت گاڏي

روڪڻ ۾ ناڪام ٿي هئي. يعني هيءَ اها ڪوشش ڪري نه سگهي هئي يعني انهيءَ ڳالهه جو امڪان هو ته عورت ڪي زخم حادثي کان اڳ رسيا هئا.

(٢) رت جا نشان ان جاءِ تي موجود هئا، جتي عام حالت ۾ موجود ٿي نه ٿي سگهيا. هن باري ۾ ڊاڪٽر سان مشورو ڪيو ويو. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته زخم ڪنهن به اهڙي اوزار جا نه هئا، جيڪو حادثي جي وقت گاڏيءَ ۾ موجود هئو. هن جو مطلب هئو ته عورت کي حادثي کان اڳ ۾ مار ڏني ويئي هئي.

(٣) مثل عورت جو پرس (Purse) گاڏيءَ ۾ ڪونه هو. هن جو مطلب ته عورت کي ڦريو ويو هئو. زخمن مان ثابت ٿيو ته عورت کي مار ڏئي يا قتل ڪري پوءِ ان جو پرس کڻي ڪو ڀڄي ويو هو.

هنن شاهدين ۽ دليلن جي بنياد تي پوليس جيڪو ڪيس ناهيو ان ۾ مفروضو اهو هئو ته موت حادثي جي ڪري نه ٿيو پر عورت کي قتل ڪيو ويو هئو ۽ فوتيءَ کي قتل ڪرڻ کان اڳ ۾ ڦريو ويو هو ان ڪري قتل جو ارادو موجود هئو.

ٻيو مرحلو:

هاڻي سوال اهو هئو ته ڪيئن ڏوهي هٿ ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪجي. هن باري ۾ هيٺيان مفروضا مقرر ڪيا ويا:

١- ڏوهه ٿيڻ جي وقت قاتل شهر ۾ ۽ ڏوهه جي جاءِ جي آس پاس هوندو ۽ هن ڏوهه جو ثبوت خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي.

٢- ڏوهي ضرور ڪو اهڙو ماڻهو هوندو، جو مقتولا جي ذاتي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ هوندو. يعني هو يا ته عورت جو دوست يا مڙس يا سندس گهر جو ٻيو ڪو عزيز يا ياتي هوندو. جڏهن ڪو به اهڙو شخص حادثي جي جاءِ جي قريب معلوم

ڇاڪاڻ ته ملزم گهٽ ۾ گهٽ مقتوله کي ڌمڪي ڏئي چڪو هو ته هو کيس قتل ڪري ڇڏيندو.

چئي وڃي ها پر معلوم ٿيو ته جوابدار ان وقت شهر ۾ موجود هئو.

٤- قتل جو ارادو

قانون ۾ ائين آيو آ ته ڪوبه قتل، قتل جي ارادي کان سواءِ قتل نه ٿو ٿئي، ان ڪري هن حالت ۾ قتل جو ارادو به ثابت ڪرڻو هئو. ڇاڪاڻ ته مرد کي عورت کان نفرت هئي ان ڪري دشمني جو ثبوت موجود هئو. ان ڪري ارادي جو ثبوت به موجود هئو. هن ڪيس جي علمي اڀياس سان ثابت ٿئي ٿو ته:

١- هن ڪيس جي متاڪٽ جو مطلب هئو مسئلي کي ايمانداري ۽ صفائي سان حل ڪرڻ.

٢- هن ڪيس ۾ ثابت ڪرڻ جي ذميواري تحقيق ڪرڻ وارن جي سئي ٿي هئي.

٣- شاهديون سڀ موزون ۽ پختيون هيون.

٤- هن ڪيس جو بنياد راهه تي نه پر شاهدي (Evidence) تي هو.

ساڳي ريت جناب 'هل وي' صاحب جي خيال ۾:

(١) علمي ڪيس ۾ به صفائي ۽ ايمانداريءَ جو رستو اختيار ڪرڻ گهرجي.

(٢) پنهنجيءَ ذاتي راهه جي بجاءِ شاهدين جي آڌار تي ورتي وڃي.

(٣) شاهدي اهڙي پيش ڪجي، جنهن جو تعلق اصل مسئلي سان هجي جنهن سان اصل مسئلي کي حل ڪري سگهجي، جنهن جو بنياد پروسي جهڙن وسيلن تي هجي ۽ جنهن کي منطقي اصولن جي پٺ ڀرائي حاصل هجي.

(٤) محقق کي ياد رکڻ گهرجي ته محض راءِ کي شاهديءَ طور پيش ڪري نه ٿو سگهجي.

## تحقيق جي غور ۽ فڪر جو مقام (Place of Refliction)

بنيادي ڳالهه اها آهي ته تحقيق جيڪا انساني ۽ افرادي وسيلن جي مدد سان ڪئي وڃي ٿي، تنهن ۾ غور ۽ فڪر کان بي نيازي حاصل ڪرڻ ممڪن ڪو نه آهي. تحقيق مفروضن مقرر ڪرڻ، دليل بازي اختيار ڪرڻ، منطقي اصولن کي ڪم آڻڻ ۽ نتيجن ڪيڻ سان به مڪمل ڪانه ٿي ٿئي. تحقيق جي ڪم ۾ اڃان به وڏي اهميت محقق جي انهيءَ طريقي کي آهي جنهن ۾ هو سوچي ٿو ۽ غور ۽ فڪر ٿو ڪري. غور ڪرڻ جي طريقن کي ڪيترا ئي نالا ڏنا ويا آهن. مثال طور:

١- سائنسي سوچ
٢- تنقيدي سوچ
٣- فطري سوچ
٤- خبرداري واري سوچ

سوچ جو جيڪو به طريقو اختيار ڪجو اِن ۾ اها ڳالهه ضرور ڏسبي ته محقق جي سوچ عام رواجي پڙهيل ماڻهوءَ جي سوچ کان وڌيڪ باريڪ ۽ ڳوڙهي ٿئي ٿي. جنهن شيءِ ڪتي اصل ۾ "مهارت جي سند" (Expert's Authority) چيو وڃي ٿو سا به سوچ جي انهيءَ خاص طريقي جي نتيجي ۾ پيدا ٿئي ٿي: ماهر اهو ماڻهو آهي، جيڪو هڪ ئي مسئلي تي گهڻو وقت خاص طريقي سان سوچي ٿو ۽ آخرڪار ڪا راءِ قائم ڪري ٿو.

اسان هيٺ 'جان ڊيوي' جهڙي عالم جي اها راءِ نوٽ ڪريون ٿا، جيڪا هن غور ۽ فڪر جي باري ۾ قائم ڪئي هئي.

"غور و فڪر انهيءَ سوچ جو نالو آهي، جيڪا:

١- خبرداري سان ڪئي وڃي.
٢- جيڪا غلط خيالن جو مقابلو ڪري سگهي.

غور ۽ فڪر جو واسطو ڪنهن نه ڪنهن اعتقاد يا علمي وسيلي سان ٿئي ٿو. غور ۽ فڪر جو واسطو انهن بنيادن ۽ شاهدين

سان نہ رهي ٿو، جيڪي ڪنهن مفروضي کي سچو ثابت ڪن ٿيون ۽ انهن نتيجن سان بہ رهي ٿو، جن کي اهو مفروضو حاصل ڪرڻ گهري ٿو.

(ترتيب جان ڊيوي جي نہ آهي.)

هن طرح غور ۽ فڪر انهيءَ سوچ جو نالو آهي، جنهن سان ڪو مسئلو حل ٿئي.

## غور ۽ فڪر جو ڪردار

سوچ جو جيڪو طريقو اختيار ڪبو ان ۾ اها ڳالهہ ضرور ڏسبي تہ محقق جي سوچ اسان جي عام رواجي سوچ کان وڌيڪ ڳوڙهي ٿئي ٿي. سوچڻ جي باب ۾ ڏي "مهارت جي سند" (Expert Opinion) جو ذڪر ٿئي ٿو. جو تہ ماهر بہ انهيءَ ڪري سند جي حيثيت رکي ٿو، جو ان ڪنهن مسئلي تي باضابطي ۽ گهڻي وقت کان وٺي غور ڪيو آهي ۽ کي ڳالهيون ثابت ڪيون اٿس.

غور ۽ فڪر جي هڪ وصف اسان کي مشهور عالم 'جان ڊيوي' (John devey) وٽان ملي ٿي. هو لکي ٿو: "غور ۽ فڪر (Reflection) انهيءَ سوچ (Consideration) جو نالو آهي جيڪا خبرداريءَ سان ڪئي وڃي ٿي ۽ جيڪا مقابلو ڪرڻ جي طاقت رکي ٿي. غور ۽ فڪر جو واسطو ڪنهن نہ ڪنهن ڀروسي (Belief) يا ڪنهن نہ ڪنهن علمي حقيقت سان رهي ٿو. غور ۽ فڪر جو واسطو انهن بنيادن يا شاهدين سان بہ رهي ٿو، جيڪي ڪنهن اعتقاد کي سچو ثابت ڪن ٿيون ۽ انهن نتيجن سان بہ رهي ٿو، جن کي اهو ڀروسو يا اعتقاد ثابت ڪرڻ گهري ٿو."

هن طرح غور ۽ فڪر انهيءَ سوچ جو نالو آهي، جنهن سان ڪو نہ ڪو مسئلو حل ٿئي ٿو.

---

نوٽ: سوچ جي هنن طريقن تي نفسياتي بحث هن مضمون ۾ ڪري نہ ٿو سگهجي. پر علم تحقيق جي مڪمل ڪتاب جي لاءِ هي بحث ضرور ڪرڻو پوندو.

تحقيق جا وسيلا (Source material)

عام طور تي تحقيق جي وسيلن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو ويندو آهي، آهي هيٺ ڏجن ٿا:
١- بنيادي وسيلا (Primary resources)
٢- ثانوي وسيلا (Secondary resources)

بنيادي وسيلا

بنيادي وسيلا اهي وسيلا آهن، جن جي معلومات پهريون ۽ اصلي معلومات آهي. هنن وسيلن ۾ ڊائريون، دستاويز، عهدناما، خط، سرڪاري ليٽر، آفيس جا فائيل، محفوظ ڪيل شيون، خانداني شجره، ڄم ۽ موت جا سرڪاري توڙي خانگي رڪارڊ، هٿ سان لکيل مسودا، گڏ ڪيل نوٽس، يادگيريون ۽ ٻيا وسيلا شامل آهن.

ثانوي وسيلا

ثانوي وسيلن ۾ اول نمبر تي حوالياتي ڪتاب يا (Refre-nce) اچي وڃن ٿا. حوالياتي ڪتابن ۾ لغتون ۽ انسائيڪلوپيڊياڊون شامل آهن. موضوع تي لکيل ڪتاب به جيڪڏهن تحقيق جي بنياد تي لکيا ويا آهن ته آهي به حوالياتي آهن ۽ ثانوي وسيلن ۾ شامل ٿين ٿا.

ڪم آيل ڪتابن جي لسٽ کي تحقيق ۾ (Bibliography) چيو ويندو آهي ۽ حوالياتي ڪتابن مان نقل ڪيل ٽڪري کي حوالو چيو ويندو آهي.

ڪتابن جي لسٽ جو طريقو

١. مصنف جو پورو نالو (پويون نالو اڳ ڏجي)
٢. ڪتاب جو پورو نالو

٣. جلد نمبر (جيڪڏهن هجي ته)
٤. اِشاعت گهر يا شايع ٿيڻ جو هنڌ
٥. شايع ڪندڙ ادارو يا پريس يا ڪمپني
٦. شايع ٿيڻ جو سن.

پر تحقيق جي ڪم جي آخر ۾ جيڪڏهن ڪتابن جي لسٽ ڏيڻي آهي ۽ حوالا اڳ ۾ اچي ويا آهن ته پوءِ ڪتابن جي لسٽ ۾ رڳو مصنف جو نالو ۽ ڪتاب جو نالو ڏي ڪافي ٿيندو.

## حوالي جو طريقو

مثال: ڪتاب جي حالت ۾

شمت جوزف، ٻولي ۽ ٻوليون، بڊاپيسٽ، ١٩٢٣، صفحو ١١٦

يا ريوين، جي. اوريجن اينڊ پري هسٽري آف لينگوئيج، لانگمن گرين اينڊ ڪمپني، لنڊن، ١٩٥٦، صفحو ٥٥

مثال: رسالي جي حالت ۾

ٻئرنگٽن، مارگريٽ، ”دي سنسرشپ ان آير“ ڪامن ويل، جلد ٣٤، آگسٽ ١٥-١٩٤٧، صفحو ٤٢٩-٤٣٢

## ڪتب خانو (Library)

ڪتابن جو وڏي ۾ وڏو وسيلو ڪتب خانا آهن. ڪتابن کي ڪم آڻڻ جي لاءِ ڪتابن جي ورڇ (Classification) جو طريقو معلوم هئڻ تمام ضروري آهي. اڄڪلهه ڪتابن جي ورڇ جا ٻه طريقا موجود آهن آهي هي آهن:

ڊيووي جو ڏهائي وارو طريقو
(The Devey Decimal System)

ڪانگريس جي ڪتب خاني وارو طريقو
(The Library of Congress System)

## ڊيووي جو ڏهائي وارو طريقو

هي طريقو ميلورل ڊيووي ڏنو هو. ڊيووي آمريڪا ۾ هڪ ڪتب خاني جو سنيالينڊڙ هو. ڊيووي ڪتابن کي هيٺ ڏيکاريل سرخين ۾ ورهايو آهي:

| | | |
|---|---|---|
| ٠٠٠ — | عام معلومات | (General work) |
| ١٠٠ — | فلسفو | (Philosophy) |
| ٢٠٠ — | مذهب | |
| ٣٠٠ — | سماجيات | |
| ٤٠٠ — | علم لغت | |
| ٥٠٠ — | فطري علوم | (Natural Sciences) |
| ٦٠٠ — | ڪارائتا آرٽس | (Useful Arts) |
| ٧٠٠ — | فائن آرٽس | |
| ٨٠٠ — | ادب | |
| ٩٠٠ — | تاريخ | |

## ڪانگريس جي ڪتب خاني جو طريقو

هن ڪتبخاني ۾ ڪتابن کي ويهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. جڏهن ته ڊيووي جي طريقي ۾ انهن ڳالهين کي ڏهن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو هو. ويهه ڀاڱا هن ريت آهن.

| | |
|---|---|
| A. General work | — عام معلوماتي ڪتاب |
| B. Philosophy and Religion | — فلسفو ۽ مذهب |
| C. General History | — جنرل هسٽري |
| D. Foreign History | — ٻين ملڪن جي تاريخ |
| E&F. American History | — آمريڪا جي تاريخ |
| G. Geography & Authropology | — جاگرافي ۽ علم الانسان |
| H. Social Sciences | — عمراني علوم |
| I. Political Sciences | — سياسيات |

٣. هن حالت ۾ تحقيق جا سڀ مرحلا طئي ڪرڻا پوندا آهن ۽ هر مرحلي تي ضروري ڳالهين تي عمل ڪيو ويندو آهي. اهي ضروري ڳالهيون هي آهن:

١. نوٽس ڪيڻ ونجڻ
٢. حوالو ۽ فوٽ نوٽ
٣. ڪتابن ڪي فوٽ نوٽن ۾ آڻڻ جا نمونا
٤. سنڌيءَ ۾ لفظن جي مخفف جو مسئلو
٥. رهنما اصول

## تحقيق جا ڪي اهم وسيلا

١. ڪاغذات (Documents)
٢. تجربو (Experiment)
٣. تپاس (Survey)
٤. انگ اکر (Statistics)
٥. صورتحال جو اڀياس (The Case Study)
٦. اتفاقي معلومات (Role of Accident)

هنن وسيلن مان هرهڪ کي ڪم آڻڻ جو طريقو نرالو ٿئي ٿو. ان ڪري هنن تي تفصيل سان بحث ڪيو ويندو.

## آخري مسودو تيار ڪرڻ

هن باري ۾ به تفصيلي بحث جي ضرورت آهي. وسيلن جي مسودي لکڻ جي باري ۾ تفصيلي بحث اڳتي ڏجي ٿو.

ڪري نه ٿا سگهون. انهيءَ ڪري اهو به تمام ضروري آهي ته محقق يا تحقيق ڪرڻ وارو لکڻ جو تجربو به رکندو هجي. لکڻ جي تجربي جي آڌار تي اسان پنهنجيءَ تحقيق کي سهڻي نموني سان پيش ڪري ۽ سينگاري سگهون ٿا. تحقيق جو اهو پروگرام جنهن ۾ فن تحرير جو نصاب شامل نه آهي، سو هميشه رکو ۽ اڻ پورو هوندو.

مسودي جي لکڻ لاءِ فن تحرير جي هڪ تربيتي پروگرام جي باري ۾ ڪي نقطا اسان هيٺ ڏئي رهيا آهيون:

۱. ليکڪ ۽ ان جي تربيت ۽ تعليم

۲. پڙهندڙ يا علمي حلقو، جنهن جي وچ ۾ لکڻ جو ڪم ٿي رهيو آهي

۳. تحرير يا فن تحرير جون ڪي پابنديون:

(i) ٽون ۽ ان جا قسم

(ii) تاڪيد، بيان، طنز ۽ مزاح

(Exhortation, Narrative, Irony and Satire)

(iii) جذباتيت (Sentimentality)

(iv) رعب ۽ ٺٽ

(v) پنهنجي شخصيت جو اظهار (High browism)

(vi) بي پرواهي (Flippancy)

۴. نثر جي ٽيڪنيڪ جون ڪي پابنديون:

(i) جملو ۽ ان جي جوڙ جڪ

(ii) پئراگراف ۽ ان جا ڪي اصول

(iii) منطقي اصول ۽ انهن جو اپياس

(iv) لفظن جو استعمال

(v) عڪسيت جا ڪي اصول

(الف) پيٽ ۽ هڪجهڙائي

(ب) تشبيهه

(ت) استعارو

تي تبصرو ڪيو“ توهان ڏسندا ته هرڪو شاگرد لکڻ ڪري لڳي ويندو ۽ ان وقت هرڪو پُراعتماد ۽ سنجيده هوندو.

هن مثال مان معلوم ٿئي ٿو ته لکڻ جي لاءِ قابليت هر ماڻهوءَ ۾ موجود ٿئي ٿي پر سوال اهو آهي ته لکڻ جي لاءِ ضروري ماحول، حالتن جو گهرڙهو اپياس موجود ڪري ٿو ڏنو وڃي. آخري طور تي جڏهن توهان وري پهرئين سوال ڏانهن ٿا موٽو تڏهن توهان جو ڌيان هيٺ ڏنل حوالن ڏانهن ڇڪجي ٿو وڃي:

ٿوريو (Thoreau) لکي ٿو ته ”بي انصافي ۽ ظلم جا قانون موجود آهن ۽ اسان لاءِ هي ٽي صورتون موجود آهن: (۱) اسان انهن کي قبول ڪيون. (۲) اسان انهن کي ان وقت تائين قبول ڪريون، جنهن وقت تائين اسان انهن کي بدلائي سگهون. (۳) اسان انهن کي ان وقت تائين قبول ڪريون جنهن وقت تائين اسان پنهنجي جدوجهد ۾ ڪامياب ٿيون ۽ (۴) اسان انهن قانونن جي انحرافي ۽ پيڇڪڙي ڪريون. عام خيال هن حالت ۾ اهو هوندو آهي ته ان وقت تائين صبر ڪرڻ گهرجي، جنهن وقت تائين عام ماڻهو انهن قانونن کي بدلائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. انهن جو خيال اهو هوندو آهي ته مقابلو ڪبو ته نتيجو وڌيڪ برو نڪرندو. پر اصل ۾ اهو ڏوهه ان حڪومت جو آهي، جيڪا علاج جي نتيجي کي برائيءَ کان به وڌيڪ خراب بنائي ٿي. آخر اهڙي حالت ۾ سڌارا آڻڻ جي ڪوشش ڇو نه ٿي ڪري. آخر حڪومت اهڙي حالت ۾ انهن ٿورڙن پر سياڻن ماڻهن کي اعتماد ۾ ڇو نه ٿي وٺي. آخر حڪومت ڊڪ لڳڻ کان اڳ ئي دانهون ڇو ٿي ڪري. آخر هر بار اهڙي حڪومت عيسيٰ کي صليب تي ڇو ٿي چاڙهي ۽ ڪاپرنيڪس ۽ لیوٿر کي ملڪ بدر ڇو ٿي ڪري ۽ واشنگٽن يا فرينڪلين کي باغي ڇو ٿي سمجهي.“

شايد يونيورسٽيءَ جي بحران جي باري ۾ هاڻي اوهان جا خيال وڌيڪ صاف ٿيا هوندا. هاڻي توهان پاڻ کان پڇندا ته:

۱- مان پاڻ جلوس ۾ ڇو شامل ٿيو هوس.

٢- ڇا مان انهيءَ ڪري شامل ٿيو هوس جو مون کي
پڪ هئي ته هنن جا مقصد موزون هئا.

٣- ڇا مان انهيءَ ڪري شامل ٿيو هوس جو ٻيو هر ڪو
به انهيءَ جلوس ۾ شامل ٿي رهيو هئو.

هن حالت ۾ اوهان کي برونر (Bruner) جا لفظ ياد ايندا
ته ”توڙي جو اسان سڀ ميٿن (Myths)جي ڪري زنده آهيون
۽ هر روز نئين ميٿ انهيءَ ڪري پيدا ٿا ڪريون ته جيئن زنده
رهي سگهون. اسان جو سماج وڏيڪ مفلس ٿي ويو آهي جو اسان
وٽ اهڙي ڪا به ميٿ موجود نه آهي، جنهن تي اسان سڀ گڏجي
اعتماد ڪندا هجون.“

هن طرح توهان پاڻ سان ڳالهائيندا رهندا ته نوان نوان
موضوع توهان جي ذهن ۾ ايري ايندا ۽ توهان سوچڻ لاءِ تيار ٿي
ويندا ۽ آخرڪار توهان لکڻ شروع ڪري ڏيندا ۽ هاڻي توهان
جو ٻهريون مسئلو توهان جي لاءِ وڏيڪ صاف آهي ۽ آسان آهي.
بس اها ئي آهي تحرير، جنهن ۾ توهان پاڻ سان سچا آهيو ۽ توهان
پنهنجن خيالن سان انصاف ڪريو ٿا.

هن ريت سٺي تحرير جون خصوصيتون هن ريت ٿين ٿيون:

(١) سٺي تحرير ذاتي تجربي جي لکڻ سان شروع ٿئي ٿي.

(٢) سٺي تحرير وڏيڪ ذاتي تجربي جي لکڻ لاءِ تيار
ڪري ٿي.

پر اسان جو مطلب اهو نه آهي ته سٺي تحرير هرويرو قبول
ڪري، نماڻائي ڏيکارڻ، بزدليءَ مونجهاري ۽ عقيدي واري تجويز
آهي. اسان جو مطلب رڳو اهو آهي ته جيڪي لکجي سو ذاتي
تجربي جي بنياد تي لکجي. هن حالت ۾ خيال توهان جي گهروارن،
توهان جي پارٽيءَ، توهان جي استاد يا توهان جي فيلسوف جا نه
آهن پر اهي توهان جا صرف ۽ رڳو توهان جا خيال آهن.

هن طرح سان تحقيق جي مسودي جي تحرير جي وڏي

خوبي اها آهي تہ ان ۾ توهان پنهنجي اعتماد ۽ ذاتي صلاحيت جي تجربي جو اظهار ڪيو.

(٢) پڙهندڙ (Audience)

لکيل رکيو انهيءَ لاءِ ڪونہ ٿو تہ ماڻهوءَ کي لکڻو آهي. لکيل انهيءَ لاءِ ٿو تہ ان کي ڪو پڙهڻ وارو موجود آهي. تحرير جي وسيلي توهان پنهنجا خيال پنهنجي من مان رکيو ڪڍي نہ رهيا آهيو پر توهان اهي خيال پين تائين پهچائي رهيا آهيو. هن طرح لکڻ جي هنر جو تعلق انهن ماڻهن سان آهي، جيڪي تحريرن کي پڙهڻ وارا آهن.

پڙهڻ وارن کي خيال ۾ رکڻ وارن سان توهان:-

(١) خط يا تحرير جي ڊگهائي مقرر ڪريو ٿا.

(٢) جملن جي جوڙ جڪ تي فيصلو ڪريو ٿا.

(٣) لفظن جي استعمال جو طريقو مقرر ڪريو ٿا.

لکڻ وارو پنهنجي ذهني سطح جي ماڻهن لاءِ لکندو تہ پنهنجي لکڻ جي پوري صلاحيت کي ڪم آڻي سگهندو پر ٻارن لاءِ لکندو تہ هيٺ لهي ايندو ۽ غير ٽيڪنيڪي ماڻهن لاءِ لکندو تہ زبان ۾ آساني پيدا ڪندو ۽ ماهرن لاءِ لکندو تہ فني لفظ ۽ اصطلاح پوري ريت ڪم آڻي سگهندو.

(٣) تجزيو

هن باري ۾ ضروري نقطن کي اسان مٿي لکي آيا آهيون هنن نقطن تي تفصيلي بحث هن مضمون جي حدن کان ٻاهر آهي پر علم تحقيق جي پروگرام ۾ هنن نقطن تي وڌيڪ بحث ضرور ڪرڻو پوندو.

چوريءَ جي ڪا پرواهہ ڪانہ ڪندا هئا.* چاسر ۽ شيڪسپيئر جهڙا شاعر بہ ٻين وٽان وٺندا هئا پر شڪريو ادا نہ ڪندا هئا ۽ هنن اهڙيءَ ڳالهہ جي ڪا پرواهہ بہ ڪانہ ڪئي پر هاڻي مصنفن جو شڪريو ادا ڪرڻ ۽ انهن جي خيال جو قدر ڪرڻ تمام ضروري سمجهيو وڃي ٿو."

# مسودي جا مقصد

مسودي کي جن ڳالهين جي پورائي ڪرڻي آهي سي اسان هيٺ ڏيون ٿا. اسان مٿي ٻڌايو آهي ته رپورٽ کي تحقيق چئي نه ٿو سگهجي. ”رپورٽ“ ته اهو ذريعو آهي، جنهن جي مدد سان محقق پنهنجي ساٿين کي ٻڌائي ٿو ته هن ڪهڙو ڪم ڪيو آهي. ’هل وي‘ ٻڌائي ٿو ته رپورٽ ۾ ٽن ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.

١- اهي نتيجا جن تي محقق پهتو آهي.

٢- اهو طريقو جيڪو هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو آهي.

٣- اهي شاهديون، جيڪي هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪم آنديون اهن.

هن قسم جي رپورٽ علمي رپورٽ هوندي آهي ۽ ان جا مقصد هيٺ ڏيکارجن ٿا:

١- هن رپورٽ جو مقصد پڙهندڙن کي وندرائڻ نه هوندو آهي.

٢- هن جو مقصد هوندو آهي معلومات ڏيڻ.

٣- هن قسم جي رپورٽ علم پکيڙي ٿي.

٤- رپورٽ جو مقصد اهو به نه آهي ته ان جي مدد سان پڙهندڙ تي ليکڪ جو اثر پوي.

سٺو محقق اهو آهي، جو موزون طريقن سان پنهنجي احساس کي پين تائين پهچائي ٿو. ليکڪ جي لاءِ هي اصول ٿي سگهن ٿا:

١- موزونيت (Appropriate Method)

٢- صرفو (Precisian)

٣- صفائي (Simplicity)

٤- (Hedging) يا لڪ لڪاءُ ۽ بهانـــي بازي رپورٽ جا عيب هوندا آهن.

٥- سڀ مسودي جو مقصد هوندو آهـي اصل نقطي تـي پهچڻ جو سولي ۾ سولو ۽ ننڍي ۾ ننڍو رستو اختيار ڪرڻ. هن باري ۾ لکڻ جي تربيت ۽ تجربي جو سوال وڏيڪ اهم آهي. لکڻ جي تجربي کان سواءِ مسودي کي بهترين شڪل ڏيڻ جو ڪم مشڪل آهي. ان ڪري ضروري آهي ته گهٽ ۾ گهٽ يا عمراني علوم جي شعبن ۾ ته لکڻ جي تربيت جو پـروگرام ضرور هلايو وڃي. رپورٽ جـي لکڻ جـي باري ۾ جيڪي طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن، انهن مان هڪڙي ”يوناني عبادتگاهه“ وارو طريقو چيو ويندو آهي. يوناني عبادتگاهه جي ڇت جو بار ٿنڀن تي هوندو آهي ۽ ٿنڀن جو بنياد وري مضبوط بنياد تي هوندو آهـي. شڪل اسان مسٽر ’هل وي‘ صاحب جي شڪرئي سان ڏئي رهيا آهيون.




(اصل شڪل جيڪا مسٽر هل وي ڏني آهي سا هڪ يوناني عبادتگاهه جهڙي آهي.)

ڪري. مضمون نگار ڪي ڪنهن مسئلي جو حل پيش نه ڪرڻو آهي. چو ته هن ڪنهن سائنسي تحقيق جو ڪم نه ڪيو آهي.

مضمون جا مقصد به ٽي ٿين، هڪ دل وندرائڻ ٻيو معلومات ڏيڻ. هن حالت ۾ مضمون نگار دلچسپيءَ سان لکي ٿو پر تحقيق جي حالت ۾ رپورٽ ۾ رکيو ايمانداري ۽ اخلاص جو اظهار ڪرڻو هوندو آهي ۽ نتيجا هوبهو پيش ڪرڻا آهن. هن حالت ۾ محقق ضمير غائب جو ضمير ڪم آڻي ٿو ۽ پنهنجي بدران ”مان“ نه پر ”ليکڪ يا هي ليکڪ“ جا لفظ ڪم آڻي ٿو ته جيئن رپورٽ ۾ نري شخصيت جو اظهار ٿي نه سگهي. پر مضمون ۾ شخصيت جو اظهار نه ٿئي ٿو پر ڪنهن حد تائين غير رسمي نمونو به اختيار ڪري سگهجي ٿو. هن باري ۾ اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته جنهن مضمون کي علمي مضمون (Scholary) چئجي ٿو، اهو مسودي جهڙو ٿئي ٿو.

مسودي جي باري ۾ ڪي عام مشورا

١- صاف ۽ سولي سنڌي ٻولي لکو، ڏکيا لفظ ۽ خاص لفظ ڪم نه آڻيو، نه ته توهان جا خيال پوري ريت سمجهه ۾ نه ايندا.

٢- سنڌي ۾ ٽيڪنيڪي لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ ذخيرو موجود ٿي ويو آهي پر اهي لفظ توهان کي هڪ ئي جاءِ تي گڏ نه ٿا ملن. هن حالت ۾ توهان پنهنجي معلومات کان سواءِ پنهنجي ڄاڻ تي به ڀروسو رکو. مسودي ۾ توهان خاص انگريزي لفظن لاءِ پنهنجو هڪ موزون سنڌي لفظ ڏيو، پر انگريزي لفظ ڏنگيءَ ۾ ڏيندا وڃو ته جيئن معلوم ٿي سگهي ته توهان جو تجويز ڪيل لفظ ڪهڙي انگريزي لفظ جي معنيٰ ڏئي ٿو.

٣- ظاهر آ ته هن حالت ۾ ليکڪ جي پنهنجي طرز تحرير تي برو اثر پوي ٿو ۽ هن جي فطري ۽ سياويڪ ٻوليءَ جي خبر نه ٿي پوي پر توهان يقين ڪريو ته اسان کي سنڌي ۾ لکڻ جي

لاءِ ۽ بهتر لکڻ جي لاءِ ڪي قربانيون به ڏيڻيون آهن.

٤- جيستائين نثر لکڻ جي ڪم جو تعلق آهي، تہ توهان پنهنجي تحقيق جي مسودي ۾ ان جو رکيو هڪ نمونو ڏئي ٿا سگهو پر توهان ان ۾ پنهنجي نثر جو مخصوص ڍنگ ۽ حسن پري نہ ٿا سگهو. ان ڪري تحقيق جو مسودو توڙي اوهان جو لکيل خود توهان کي رکو ۽ بي سوادو نظر ايندو. ڪيترن ئي وڏن نثر نويسن جي حالت بہ اِها آهي. انهن جي مسودي جي ٻولي انهن جي ذاتي ٻولي نہ هوندي آهي ۽ ڪن حالتن ۾ هو ويچارا مسودي کي شوق سان پڙهي بہ نہ سگهندا آهن. اهڙي حالت ۾ توهان کي ايئن سمجهڻ نہ گهرجي تہ توهان پنهنجي مخصوص انداز سان لکي نہ ٿا سگهو. مسودي جو ڪم پورو ڪري پوءِ توهان وري پنهنجيءَ پوريءَ نثري صلاحيت (Prose Ability) سان لکڻ شروع ڪيو. پنهنجي نثر ۾ رنگ، ادائگي، ادا، حسن پري ڇڏيو. ٻوليءَ جو لطف ماڻيو ۽ ٻين کي اهڙو موقعو ڏيو. پر چڱو آهي تہ هي ڪم توهان مسودي ۾ نہ ڪريو.

٥- توهان جون سڀ تحريرون (Statements) چئن نمونن ۾ ورهائي ٿيون سگهجن. توهان هنن نمونن کي چڱيءَ ريت سمجهو.

(١) نري حقيقت جي اظهار جي تحرير.

(٢) بنيادي ڳالهه جيڪا تسليم ڪيل هجي، ان جي تحرير.

(٣) ماهرن جي راءِ جو اظهار.

(٤) ليکڪ جو ذاتي رايو.

هنن چئن حالتن ۾ توهان کي نثر جا چار نرالا نمونا لکڻا آهن. برابر توهان جو ڪم مشڪل آهي پر توهان جيستائين اهو ڪم شروع ئي نہ ڪيو آهي، توهان کي اهو ڪيئن معلوم ٿيو تہ توهان هن طرح لکي نہ ٿا سگهو. لکڻ جو هنر صرف لکڻ سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. البت ڳالهين جي باري ۾ توهان پنهنجي مضمون نويسي ۽ نثر نويسيءَ جي پروفيسرن سان مشورو ڪريو.

توهان کي خبر هئڻ گهرجي تہ ماهر توهان جي رپورٽ پڙهڻ کان پوءِ هيٺ ڏيکاريل سوالن جا جواب تلاش ڪن ٿا:

١- مسئلي جي تحريري صورت مختصر ۽ سمجهڻ جهڙي آهي يا نہ؟

٢- مسئلي کي پوري ريت سمجهايو ويو آهي يا نہ؟ ۽ ان کي جدا جدا هيڊن ۾ پوري ريت ورهايو ويو آهي يا نہ؟

٣- مفروضي جي تجزيئي جي لاءِ موزون طريقو اختيار ڪيو ويو آهي يا نہ؟

٤- مسئلو نئون آهي يا ان تي اڳ ۾ ڪي ڪم ڪيو ويو آهي؟

٥- جيڪڏهن مسئلي تي اڳ ۾ ڪي ڪم ڪيو ويو آهي تہ ڇا محقق ان کان واقف آهي يا نہ؟

٦- ڊيٽا سچي هٿ ڪئي وئي آهي يا ممڪن ڊيٽا کي هٿ ڪيو ويو آهي؟ ۽ ان کي منطقي طور تي مرتب ڪيو ويو آهي يا نہ؟

٧- مثال، جوکا ۽ تعداد ۾ مناسب ڏنا ويا آهن يا نہ؟

٨- دليل صاف ۽ برجستہ آهن يا نہ؟

٩- منصف مزاجي، ايمانداري ۽ خلوص کان ڪم ورتو ويو آهي يا نہ؟

١٠- تحقيق علمي خيال کان ڪيتري اهميت واري آهي ۽ ان جي مڪمل ٿيڻ سان موضوع جي باري ۾ جيڪا تحريري معلومات ملي آهي ان ۾ هن تحقيق جو ڪيترو حصو آهي؟

١١- محقق پنهنجي ذاتي صلاحيت کان ڪيترو ڪم ورتو آهي؟

## گرافي وسيلا (The Graphic Sources)

محقق جي ڪم جي مسودي ۾ ڪن چارٽن، گرافن ۽

شڪلين کي ڪم آندو ويندو آهي، ان سان ڪي اهم هيٺ ڏجن ٿا:

١- ليڪن وارو گراف (Line Graph)

گراف جو هي نمونو عام نمونو آهي ۽ هر جاءِ تي استعمال ٿئي ٿو. هي گراف ڪن بن حقيقتن جي پاڻ ۾ لاڳاپي جو اظهار ڪري ٿو. هن جو خاص ڪم هي آهي تہ اهي تبديليون، جيڪي ڪنهن بہ هڪ حقيقت (Known Fact) ۾ واقع ٿين ٿيون تن جو اظهار ڪري.

٢- بار چارٽ (Bar Chart)

بار چارٽ جو نمونو ڪن حقيقتن کي پيش جو هڪ وسيلو هوندو آهي. تعداد يا نمبر جي خيال کان وڏي ۾ وڏي حقيقت کي وڏي ۾ وڏيءَ بار ۾ ڏيکاريو ويندو آهي تہ جيئن پيش جي حالت ۾ هرهڪ حقيقت جي تعداد، نمبر يا مقدار جي خبر پوي.

٣- پائي چارٽ (The Pie Chart)

هن چارٽ جو وڏو فائدو هي آهي جو هن جي مدد سان ڪنهن بہ هڪ سڄي شيءِ جي نسبتي ڀاڱن کي، جدا جدا حصن کي آسانيءَ سان ڏيکاري سگھجي ٿو.

٤- ڪي ٻيا نمونا

هنن نمونن کان سواءِ ڪي نقشا، تصوير گراف (Picture Graphs) ۽ تعدادي جدولون (Statistical Tables) بہ ڪم آڻي سگھجن ٿيون.

١. صفائي (Clearness): هن حالت ۾ بڻائين يا نمونو سادو هجي ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ اهڃاڻ تمام ٿورا هجن.

٢. مناسبت (Accuracy): ڏنو وڃي تہ هي چارٽ حقيقتن جو

اظهار ڪري ٿو يا نه.

٣. ڪشادگي (Wholeness) چارٽ جي هڪ خصوصيت هيءَ آهي ته اهو ايترو وڏڪرو هجي جو ان ۾ گهربل حقيقتون سڀ ڇاڻائي سگهجن. هن حالت ۾ چارٽ يا گراف مڪمل (Chart or Graph) چيو ويندو. *

### تحقيقي مقالي جون ڪي اوڻايون

محقق کي گهرجي ته هو اهو معلوم ڪري ته عام طور تي تحقيق جي مقالي جا عيب ڪهڙا آهن. هن طرح هو پنهنجي مقالي کي عيبن کان بچائي سگهندو. هن باري ۾ ڪي نقطا اسان هيٺ پيش ڪريون ٿا:

١. پهريون عيب مقالي جو اهو آهي ته ان ۾ تمام وڏيون دعوائون ڪيون وينديون آهن ۽ مناسب ثبوت مهيا نه ڪيا ويندا آهن.

٢. مقالي جو ٻيو عيب اهو آهي ته خيالن جو اظهار صفائي سان نه ڪيو ويو آهي. يعني خيال سمجهه ۾ نه ٿا اچن.

٣. ٽيون عيب آهي بي ترتيبيءَ جو. مواد کي سهڻي ۽ سمجهايل يا وضع ڪيل نموني مرتب نه ڪيو ويندو ته مقالو سمجهه ۾ نه ايندو. هن عيب جو هڪ سبب هي ٿو ٿئي ته محقق ڪنهن به اڳواٽ رٿيل منصوبي کان سواءِ لکڻ شروع ڪري ٿو.

٤. مفروضي کي سمجهڻ لاءِ مناسب وسيلن جو موزون ذڪر نه ڪيو ويندو ته مقالي ۾ هڪ وڏيڪ عيب شامل ٿيندو.

٥. پنجون عيب اهو آهي ته محقق پنهنجي مسئلي جي تقاضائن کان پوري طرح واقف نه ٿو ٿئي.

٦. ڇهون عيب اهو آهي ته محقق حواليادي ڪتابن جو

---

* هنن چارٽن جا ڪي نمونا اسان جناب 'هل وي' صاحب جي ڪتاب تان شڪريي سان هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڏيئي رهيا آهيون.

مهاڀاري لڙائيءَ کان به وڌيڪ خطرناڪ ٿي ٿي. پر ان کي روڪڻ جي لاءِ دنيا جو ڪو به ادارو ڪوشش وٺي نه ٿو سگهي. انسان جي هن بي وس هئڻ ۾ ئي انسان ذات جي تباهيءَ جو سامان موجود آهي.

اهي تحريرون جيڪي وڪامي سگهن ٿيون، جيڪي ذهني عيش موجود ڪري ڏين ٿيون، جيڪي جنسياتي خواهش کي سستي تسڪين پهچائن ٿيون، جيڪي سياستدان جي تعريف ۾ لکيون ٿيون وڃن، جيڪي غير انقلابي ۽ خوشامد سان ڀرپور ٿين ٿيون، سي وڪامن ٿيون. انهن جو اجورو ملي ٿو (ڪٿي ٿورو ڪٿي گهڻو) ۽ انهن جي مدد سان ليکڪ روزي ڪمائي ٿا سگهن پر جيڪي تحريرون عقل ۽ علم جي بنيادن کي مضبوط ڪن ٿيون، سچ جي حمايت ۾ لکيون ٿيون وڃن، استحصال ۽ ظلم جي خلاف جنگ جوٽين ٿيون، نوعيت جي خيال کان انقلابي آهن ۽ بنيادي روايتن کان انڪار ٿيون ڪن ۽ اختلافي نقطهءِ نظر پيش ٿيون ڪن سي شايع نه ٿيون ٿين.

هن حالت ۾ محقق هڪ انتهائي مظلوم شخص هوندو آهي. انساني حقن جي انڪار جو وڏي ۾ وڏو اثر ته انهيءَ تي پوي ٿو، جيڪو انساني حقن کي بحال ڪرڻ جي جدوجهد ڪري ٿو ۽ محقق به اهڙو ئي ماڻهو ٿئي ٿو.

هنن ڳالهين کي خيال ۾ رکي محقق کي گهرجي ته:

(١) هو پنهنجي اخلاقي نظام ۾ هڪ غازيءَ جو ڪردار ادا ڪري.

(٢) هو مالي فائدي جي اميد نه رکي ۽ روزيءَ جي وسيلي طور ڪو پيو ڪم به ڪري.

(٣) هو محض ان اميد تي زنده نه رهي ته انسان دوستيءَ جو اجورو ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور ملندو.

(٣) هو انهيءَ ڳالهه جي لاءِ به تيار رهي ته فقط هن تحقيق جي ڪري انهيءَ ڳالهه جو امڪان به آهي ته هن کي بک ماريو

مسودي کي تباهم ڪري سگھن ٿيون.

(٨) ٽائيپ سان لکيل مسودن جي لاءِ ساڳي ريت احتياط کان ڪم وٺجي.

(٩) پروف ريڊنگ جي ڪم جي نظرداري خود ليکڪ کي ڪرڻ گھرجي. هي ڪم ملازمن يا دوستن جي مدد سان نه ڪرڻ گھرجي.

**لئبرريءَ يا ڪتب خانو ڪيئن ڪم آڻجي:**

ڪتب خاني کي ڪم آڻڻ لاءِ ڪي قانون وضع ڪيل آهن مثال طور:

(١) ڪتبخاني جي انتظامي عملي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ.

(٢) ڪتبخاني جي واسطيدار شعبن ۾ وڃي واقفيت حاصل ڪرڻ.

(٣) ڪتابن حاصل ڪرڻ يا استعمال ڪرڻ جا قانون چاڙڻ.

(٤) حوالياتي ڪتابن جا شعبا ڄاڻڻ.

(٥) هرهڪ مضمون تي موجود ڪتابن مان ڪنهن به هڪ ڪتاب کي ڳولي لهڻ جو طريقو.

(٦) لئبرريءَ ۾ ڪم ڪرڻ جا آداب.

(٧) لئبرريءَ ۾ ڪم ڪرڻ جون سھولتون ۽ انهن جو استعمال ۽

(٨) لئبرريءَ جي بندوبست جي باري ۾ شايع ٿيل ڊاياگرام جو اڀياس.

حوالياتي ڪتابن جو مسئلو به خاصو مشڪل آهي. هڪ سٺيءَ بهتر ڪارڪردگيءَ واريءَ لئبرريءَ ۾ هن مسئلي جو حل تلاش ڪيو ويندو آهي. هن باري ۾ لئبرريءَ جي انتظاميا کي هيٺ ڏيکاريل ڳالهين جو بندوبست ڪرڻ گھرجي.

(١) ڇپيل گائيڊ جنهن ۾ حوالياتي ڪتابن جي معلومات هجي.

جون سهولتون به آهن هن حالت ۾ آهي ڪتبخانا ترجما يا نقل قرض طور ڏين ٿا يا بلڪل وڪڻي ٿا ڇڏين.

هنن سڀني حالتن ۾ خرچ جو بار ضرورتمند شاگرد تي پوي ٿو پر ڪي تعليمي ادارا تحقيق جي سهولتن ڏيڻ لاءِ خرچ جو بار به کڻن ٿا.

## ڪتابن جا نمبر

اسان مٿي ڏيکاريو آهي ته ڪتبخانن ۾ ڪتابن جي ورڇ جا به طريقا ڪم اچن ٿا. هڪڙو طريقو ميلو ڊيوي (١٨٥١-١٩٣١) جو طريقو سڏجي ٿو ۽ ٻيو ڪانگريس جي لئبريريءَ وارو طريقو سڏجي ٿو. ڪتابن جي وڏيڪ ورهاست جا مثال اسان هيٺ ڏيون ٿا.

ڊيويءَ جي ڏهائيءَ جي طريقي ۾ جيئن اسان مٿي ڏيکاريو آهي ٣٠٠ جو نمبر عمراني علوم جي ڪم اچي ٿو پر عمراني علوم به گهڻا آهن ان ڪري اهو معلوم هئڻ گهرجي ته ڪنهن به هڪ علم جا ڪتاب ڪهڙي نمبر هيٺ ملندا. هن حالت ۾ اسان هڪڙو مثال هيٺ ڏيون ٿا:

| | |
|---|---|
| سماجي علوم | ٣٠٠ |
| شماريات | ٣١٠ |
| سياسيات | ٣٢٠ |
| اقتصاديات | ٣٣٠ |
| قانون | ٣٤٠ |
| انتظاميه | ٣٥٠ |
| سماجي ادارا | ٣٦٠ |
| تعليم | ٣٧٠ |

وري تعليم جا به ڪيئي شعبا ٿين ٿا. ان ڪري ٣٧٠ نمبر کي وڌيڪ هن طرح ورهايو ويو آهي:

| | |
|---|---|
| تعليمي فلسفو | ٣٧٠-١ |
| تعليمي تاريخ | ٣٧٠-٩ |

| | |
|---|---|
| طريقا ۽ استاد | ٣٧١ |
| پرائمري تعليم | ٣٧٢ |
| ثانوي تعليم | ٣٧٣ |
| تعليم بالغان | ٣٧٤ |
| نصاب | ٣٧٥ |
| عورتن جي تعليم | ٣٧٦ |
| مذهبي ۽ اخلاقي تعليم | ٣٧٧ |
| اعلي تعليم | ٣٧٨ |
| پبلڪ اسڪول | ٣٧٩ |

اهڙيءَ ريت ڪانگريس جي لئبريريءَ جي طريقي ۾ جيڪو ١٩٠٢ ۾ شايع ٿيو هو تنهن ۾ ڊاڪٽر هربرٽ پٽنام (Dr.Herbert Putnam) جي ٺاهيل طريقي پٽاندر ڪتابن کي ورهائڻ جو طريقو ڏنل آهي. ڪانگريس جي قومي لئبريري واشنگٽن ۾ آهي. هن لئبريري ۾ ٻيست جي لکئي پٽاندر ويهه لک جلد تہ ١٨٩٩ع ۾ هئا ۽ ١٩٥٠ع ۾ هن لئبريريءَ ۾ ٢٩٠ لک جلدن کان بہ وڌيڪ ڪتاب هئا. تعليم تي ئي موجود هن لئبريريءَ ۾ ڪتابن کي L جي اکر سان ڏيکاريو ويو آهي پر وڌيڪ تفصيل هيٺ آيل طريقي پٽاندر آهي:

| | |
|---|---|
| تعليم (Education) | L |
| تاريخ تعليم History of Education | LA |
| تعليم جو نظرياتي پهلو | LB |
| خاص نمونا ۽ درخواستون | LC |
| آمريڪا جا اسڪول | LD |
| آمريڪا جي تعليم آمريڪا کان ٻاهر | LE |
| يورپي تعليم | LF |

اسان مٿي يونين ڪئٽالاگ جو ذڪر ڪيو آهي. هي طريقو ڪتابن جي ورهاست جو نئون طريقو آهي.

## پڙهڻ يا اڀياس ڪرڻ

### (١) پڙهڻ جا طريقا

شاگرد اهو نه آهي، جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ داخل آهي. شاگرد اهو آهي جيڪو ڪنهن نه ڪنهن مضمون جو اڀياس ڪري ٿو، ڪتاب پڙهي ٿو، ڪتابن جي تلاش ۾ رهي ٿو، ڪلاس ۾ حاضر رهي ٿو، ليڪچر جا نوٽس لکي ٿو، استاد کان سوال پڇي ٿو ۽ پيش آيل مسئلن جي حل ۽ ڇنڊڇاڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ نصابي مضمون کان سواءِ هُن جي ضرورت اِها آهي ته هن کي اهو معلوم هجڻ گهرجي ته پڙهڻ جو هنر (Technique Study) ڪهڙو آهي ۽ اهو هنر هو ڪيئن حاصل ڪري ٿو سگهي. اسان جي يونيورسٽين جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري اها آهي جو انهن ۾ پڙهڻ جي ٽيڪنيڪ جي باري ۾ تعليم جو ڪو بندوبست ڪونهي. بي هنرو شاگرد پنهنجون صلاحيتون وڃائي ٿو ۽ ملڪ جي تونڙل افرادي قوت تي برو اثر ٿو وجهي.

پڙهڻ جي طريقن (Methods) جي حيثيت اوزارن (Tools) جهڙي آهي. هڪ طرح مطالعي جي جدا جدا نمونن ۾ جدا جدا طريقا ڪم اچن ٿا. هنن طريقن تي بحث کان اڳ ۾ اسان انهن سببن جو اڀياس ڪريون ٿا، جن جي ڪري شاگرد پڙهڻ جي باري ۾ تمام پوئتي آهن. اهي سبب اسان هيٺ ڏيون ٿا:

(i) تعليم جو ذريعو ٻولي

(The Medium of Education)

تعليم جي معاملي ۾ اسان انگريزيءَ کي تعليم جي ذريعي طور ڪم آڻيندا رهيا آهيون. هڪ ٻوليءَ جي حيثيت سان انگريزيءَ جي وڏي اهميت ۽ ضرورت جي بنياد تي اسان پنهنجي تعليمي نظام ۾ انگريزيءَ کي پاڙهڻ ۽ پڙهڻ جو ذريعو بڻايو آهي. هن حالت ۾ اسان ٻوليءَ جي سماجي، تعليمي، نفسياتي، ۽ انتقالي (Communicative)، ڪارجن کان بي خبر رهيا آهيون. ٻوليءَ جو

هڪ ڪلچري پس منظر به ٺهي ٿو. ٻولي سوچڻ ۽ غور ڪرڻ جي عادتن جي تعمير به ڪري ٿي. هن خيال کان تعليم جي نظام ۾ مادري ٻوليءَ يعني پنهنجي ٻوليءَ ۽ ڌاري ٻوليءَ جي وچ ۾ وڏو فرق آهي. ڌاري ٻولي اسان جي سوچ جي صلاحيت تي برو اثر ڪري ٿي. ڌاري ٻوليءَ جي ڪري اسان جو ذهن پابند ۽ منجهيل رهي ٿو ۽ ان ۾ تخليقي صلاحيت پيدا نه ٿي ٿئي. هن طرح ملڪ جي افرادي قوت بيڪار پاڻيءَ جيان گندي ۽ بدبوءِ واري ٿي پوي ٿي ۽ ان مان عمليت ۽ تازگي نڪري ٿي وڃي. هن صورتحال جو علاج اهو آهي ته تعليم مادري ٻوليءَ جي وسيلي ڏني وڃي ۽ ڪتاب جيڪي لکيا وڃن، سي به مادري ٻولين ۾ ئي لکيا وڃن.

(ii) امتحانن جو اڻ سڌريل طريقو

اسان جي تعليمي ادارن ۾ امتحانن جو طريقو انتهائي ناقص ۽ نقصان رسائيندڙ آهي. هن باري ۾ وڏيءَ تحقيق جي ضرورت آهي. اسان جي ادارن ۾ عمراني علوم ۽ ٻولين جي مضمونن ۾ ته تعليم جي معيار جي پستيءَ جو وڏي ۾ وڏو سبب امتحانن جو ناقص طريقو آهي.

(iii) اڻ پورا وسيلا

هنن وسيلن ۾ ڪتبخانا، استادن جي پيشهائي صلاحيت، تحقيق جا پيا وسيلا ۽ پاڙهڻ جا طريقا شامل آهن.

(iv) تعليم جو روايتي (Conventional) ڪردار

اسان جي ملڪ ۾ سيڪيولر نظريات جي مخالفت جي ڪري آزاد ۽ جستجو واري سوچ اڀري نه سگهي آهي. هن حالت ۾ تعليم جي پراڻي ۽ روايتي ڪردار جي ڪري اسان جي سماج ۾ ضروري تبديليون اچي نه سگهيون آهن.

هنن خاص سببن جي ڪري اسان جي شاگردن ۾ ايپاس ڪرڻ جون سٺيون عادتون پيدا ٿي نه سگهيون آهن. هنن سببن سان گڏ هڪ اهو سبب به آهي ته اسان پڙهڻ جي هنر سيکارڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي آهي.

ڳولي لهڻ.

(viii) ڪتاب پڙهڻ کان اڳي ڪتاب جي فهرست (Con-tents) کي غور سان پڙهجي. قابل ليکڪ فهرست کي ڪتاب ۾ بحث هيٺ آيل مسئلن جي خيال کان لکن ٿا. هن طرح فهرست جي اڀياس مان انهن مسئلن جي معلومات ملي ويندي، جيڪي ان ڪتاب ۾ حل ڪيا ٿا وڃن.

(ix) جن ڪتابن ۾ مهاڳ ڏنو ٿو وڃي، تن جي مکيه سوالن ۽ سڄي بندوبست کي مهاڳ ۾ سمجهايو ويندو آهي. مهاڳ مان معلوم ٿئي ٿو ته:

(١) ڪتاب ڇو لکيو ويو آهي.

(٢) ڪتاب ڪهڙيءَ ريت رکيو ويو آهي.

(٣) ڪتاب جي هرهڪ حصي مان ڪهڙي معلومات ملي ٿي.

(٤) ڪتاب جو تعلق ڪهڙن خاص مسئلن سان آهي.

(٥) ڪتاب جي لکڻ ۾ مصنف جي مدد ڪهڙن ماڻهن ڪئي آهي ۽

(٦) ڪتاب لکڻ ۾ ڪهڙن ڪتابن کان مدد ورتي وئي آهي.

هن طرح مهاڳ جو اڀياس به ڪتاب شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪرڻ گهرجي.

(x) ستا ۽ مهاڳ کان سواءِ ڪتاب ۾ فوٽ نوٽن ۽ حوالن ۽ ڪتابن جي لسٽ کان سواءِ ضميما به شامل هوندا آهن. ضروري آهي ته فوٽ نوٽن، حوالن، ڪتابن جي لسٽ (Bibliography) ۽ ضميمن جو اڀياس به غور سان ڪيو وڃي.

(xi) ڪتاب ۾ جو ڪجهه به هوندو آهي سو ڪنهن نه ڪنهن محقق، عالم، استاد ۽ ليکڪ جي ذهن ۽ طبيعت، قابليت ۽ هنرمنديءَ جو نتيجو هوندو آهي ان ڪري ڪتاب کي سمجهڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ليکڪ جي باري ۾ به معلومات حاصل ڪجي. ڪن حالتن ۾ ليکڪن جي باري ۾ معلومات ڪتاب جي

وقت انهن کــي ترتيب سان رکجي. سفر ڪرڻ وقت نوٽ وٺجي ته ان حالت ۾ ڪارڊ پاڻ سان ساڻ ڪٿي نڪرجي. عام طــور تي مطالعي جي وقت ۾ ڪارڊن جو ذخيرو پاڻ سان رکڻ گهرجي.

نوٽ ـ ڪارڊ جو نمونو

عنوان: خوش رهڻ جي لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن.
نوٽ: ماڻهن جون بنيادي ضرورتون هي آهن:
(١) ملڪيت ـ هـن حالت ۾ انسان کــي گروهه ۾ جاءِ ملي ٿي.
(٢) ڀائيچارو ـ هن حالت ۾ گروهه جي ڀلائيءَ جـي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو.
(٣) رتبو ـ هن حالت ۾ سماج ۾ اهميت ملي ٿي.
(٤) سلامتي ـ هن حالت ۾ ملڪيت، شراڪت، ۽ رتبي کي محفوظ رکڻ جو موقعو ملي ٿو.
حوالو ـ ڪرگ، ايڊورڊ، ”نصاب جي تياري“ نيويارڪ هارپر اينڊ برادرس، ١٩٥٠ع، ٣٧-٣٤ صفحو

ايپاس جي باري ۾ هن ڪان پــوءِ اسان مينزل (Menzel) جي آڌار تي ايپاس جي ٽولز کي هيٺ لکي رهيا آهيون:

(١) سٽا ۾ آيــل نقطن کي ڪم آڻڻ.
(٢) ڪتاب جي انڊيڪس (Index) کي ڪم آڻڻ.
(٣) لغت کي ڪم آڻڻ.
(٤) ٻين حوالياتي ڪتابن کي ڪم آڻڻ.
(٥) نقشا، گراف ۽ رهبر استعمال ڪرڻ.
(٦) اٽلس کي استعمال ڪرڻ.
(٧) لئبريري کي ڪم آڻڻ.

## علم تحقيق ۾ طريقي جي اهميت

لئبريري جي موزون استعمال ۽ ايپاس جي طريقن تي سوچڻ

اختيار ڪرڻ.

(٢) تجرباتي طريقو

"تجربو اهو مشاهدو آهي، جنهن کي ضابطي ۾ رکيو ويو آهي." تجرباتي طريقو اهو طريقو آهي، جيڪو تجربيگاهن ۾ آزمايو ٿو وڃي. هن طريقي ۾ ڪن حالتن تي ضابطو رکي هڪ تجربو ڪيو ويندو آهي. هن طريقي ۾ مرحلا آهي هوندا آهن، جيڪي سائنسي طريقي جا هوندا آهن. هي مرحلا اسان مٿي ڏئي آيا آهيون.

(٣) تاريخي طريقو :

تاريخي طريقو سبب (Cause) ۽ اثر (Effect) تي ٻڌل هڪ طريقو آهي. هن طريقي ۾ سلسلو (Chronology) ۽ ان جي آڌار تي واڌارو (Development) پنهنجو ڪم ڪن ٿا:

هن حالت ۾ هر موضوع جا چار مرحلا ٿين ٿا:

١. سبب (Causes)

٢. بنياد (Origin)

٣. تاريخ (History)

٤. واڌارو (Development)

هن طريقي ۾ وسيلا، ڪتاب ۽ دستاويز هوندا آهن. هن طريقي مطابق ڪنهن به موضوع جو ابياس ڪري سگهجي ٿو پر ڪن موضوعن جي لاءِ بهتر طريقا پيا ٿي ٿا سگهن.

هن طريقي جا مرحلا هيٺ ڏجن ٿا:

(١) سبب، (٢) بنياد، واڌاري جا مرحلا، نتيجا ۽ ڪليا جيڪي انهيءَ ابياس جي بنياد تي قائم ڪجن.

تحقيق جا عام طريقا

(١) ڪيس - ابياس جو طريقو (Method of Case Study)

هن طريقي ۾ ڪنهن به هڪ ڪتاب، واقعي، تجربي، مريض، پراجيڪٽ يا قانوني ڪيس جو ابياس ڪيو ويندو آهي. هي ابياس وڌيڪ ڳوڙهو، مڪمل ۽ معلوماتي هوندو آهي ڇو ته تحقيق جو ميدان هن حالت ۾ ننڍو هوندو آهي. ڪيس ابياس جا ڪي

(۲) ورتل مواد کي پنهنجي مقصد لاءِ ڪم آڻڻ

تحقيق جي مسودي جو وڏو معيار تڏهن ٿو قائم ٿئي، جڏهن محقق حوالن کي پنهنجي ضابطي ۾ رکي انهن کي پنهنجي مقصد جي تقاضا پٽاندڙ استعمال ڪري ٿو. تمام گهڻا حوالا ۽ ٽورا تشريحي لفظ تحقيق جي مسودي کي بگاڙن ٿا. ٿورا حوالا ۽ وڌيڪ تشريح مسودي ۾ جان وجهي ٿي. سٺو محقق اهو آهي، جيڪو ورتل مواد کي بهترين نموني سان پيش ڪري ۽ ان ۾ ذاتي قابليت جي آڌار تي جان وجهي ڇڏي.

(۳) خلوص ۽ فن، تحرير

محقق جي لاءِ ضروري آهي ته جيڪا ڳالهه هو لکي، تنهن ۾ مخلص نظر اچي. نري اداڪاري ۽ اجايو ڏيک مسودي کي بي جان بڻائي ٿو. فن، تحرير جا ڪي نقطا هيٺ ڏجن ٿا:

(۱) زور ۽ صرفو
(۲) پختگي (Concreteness)
(۳) سڌو سنئون طرز عمل (Directness)
(۴) تاڪيد (Emphasis)

ريسرچ رپورٽ جو نمونو.(Format)

هرڪا ريسرچ رپورٽ ڪن قائم ڪيل مرحلن جي حساب سان لکي ويندي آهي. هي مرحلا اسان هيٺ ڏيون ٿا.

الف – اڳيون حصو:
(۱) ٽائيٽل پيج.
(۲) شڪريو.
(۳) فهرست.
(۴) فارمن، نقشن ۽ چارٽن جي لسٽ.
(۵) شڪلين (Figures) جي لسٽ.

ب – مسودي جو اصل حصو:
(۱) تعارف يا مهاڳ.

- مسئلي جي تحريري صورت.
- مسئلي جي اهميت.
- مسئلي جي اڀياس جو مقصد.
- اوڻاين جو اعتراف.
- ڪن اهم لفظن جي معنيٰ.

(٢) اڳ ۾ ڪيل ڪم جو جائزو يا واسطيدار حوالياتي وسيلن جو تجزيو.

(٣) تحقيق جو نمونو:
- طريقا ۽ مرحلا.
- ذريعا
- ذريعن هٿ ڪرڻ جا طريقا.
- ذريعن هٿ ڪرڻ جو ذڪر.

(٤) ذريعن کي پيش ڪرڻ ۽ انهن جو تجزيو ڪرڻ:
- تحرير.
- نقشا ۽ فارم.
- شڪليون.

(٥) اختصار ۽ اختتام:
- مسئلي جي ٻيهر تحريري صورت.
- طريقن جو ذڪر.
- نتيجا ۽ انهن جي تحريري صورت.
- وڌيڪ تحقيق جي لاءِ ڪي سوال.

(ت) حوالياتي حصو:
(١) ڪم آيل ڪتابن جي لسٽ **(Bibliography)**.
(٢) ضميما **(Appendix)**

رپورٽ جو پهريون حصو
هن صفحي تي عام طور تي هيٺ آيل نقطا ڏنا ويندا آهن.
(١) موضوع يا مسئلي جي تحريري صورت، ان جو نالو.
(٢) محقق جو نالو.

(۳) موضوع جو مضمون ۽ ان جو مقصد يا ڏگري، جيڪا حاصل ڪرڻي هجي.
(۴) تعليمي ادارو جنهن کي رپورٽ پيش ڪئي وڃي.
(۵) تاريخ جنهن تي رپورٽ پيش ڪئي وڃي.

پهرئين صفحي جو نمونو

موضوع — سنڌ جي معاشي وسيلن جو سنڌي سماج تي اثر.
مصنف — الف۔ د۔ و.
تحقيقي مقالو جيڪو ڊي۔ فل جي ذميوارين پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾.
سنڌ يونيورسٽيءَ کي پيش ڪيو ويو.
جنوري ۱۹۷٦ع.

مسودي جو اصل حصو

عام طور تي هن حصي کي پنجن ڀاڱن ۾ ورهايو ويندو آهي.

ڀاڱو پهريون:

هن حصي ۾ اڀياس يا تحقيق جي ميدان جو تعارف ڪرايو ويندو آهي.

ڀاڱو ٻيو:

تحقيقي ڊيٽا جو تجزيو هن حصي ۾ ڪيو ويندو آهي. اڳ ۾ ڪيل ڪم يا تحقيق جو تعارف به ڏنو ويندو آهي ۽ هن تحقيق جو خاص مقصد بيان ڪيو ويندو آهي.

ڀاڱو ٽيون:

هن حصي ۾ سڄيءَ تحقيق جي نموني جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.

ڀاڱو چوٿون:

هن حصي ۾ ڊيٽا جو تجزيو ڪيو ويندو آهي ۽ ڊيٽا کي پيش ڪيو ويندو آهي.

### ٣- نوٽس ڪيئن وٺجن

نوٽس وٺڻ کان سواءِ جيڪي پڙهجي ٿو، تنهن کي پنهنجي تحقيق جي لاءِ استعمال ڪرڻ جو ڪم ممڪن ئي ناهي ڇو ته ايترو پڙهيو ياد رکي نه ٿو سگهجي. هڪڙي هيءَ ڳالهه به آهي ته تحقيق جي ڪم ۾ يادگيريءَ تي ڀروسو ڪرڻ غلط آهي. نوٽس کي ٽڪنيڪي شڪل ۾ رکڻ جو ڪم ڏاڍو مشڪل آهي. نوٽس وٺڻ جي لاءِ هيٺ آيل ٽن شين مان ڪنهن به هڪ ڪي آسانيءَ سان ڪم آڻي ٿو سگهجي:

(١) ٣x٥ انچن جو ڪارڊ.

(٢) چوٿاڙ يا اڌاس پنو.

(٣) سڄو پنو.

ٻيون ڳالهيون جيڪي ضروري آهن، سي هي آهن:

(١) هڪ پني يا ڪارڊ تي فقط هڪڙو نوٽ لکجي.

(٢) هڪ ئي موضوع تي ورتل جدا جدا نوٽ هڪ ئي وڏي لفافي ۾ وجهي رکجن.

(٣) لفافي جي مٿان موضوع کي وڏن اکرن ۾ لکي ڇڏجي.

(٤) هر نوٽ جي مٿان ان نوٽ جو ذريعو يا اهو ڪتاب ڄاڻائجي جنهن تان اهو نوٽ ورتو ويو هجي.

(٥) هر نوٽ جو موضوع به ڄاڻائجي.

هيٺ اسان نوٽ جو ڪارڊ وارو نمونو ڏيون ٿا، مثال:

| |
|---|
| (١) تنوير عباسي، "شاه لطيف جي شاعري"، شاهه لطيف ڪلچرل سوسائٽي، ڪراچي، سنه ١٩٧٦ع، صفحو ٥٣٠<br>سرهاڻ جو ذڪر دنيا جي هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ موجود آهي. سرهاڻ ۽ سڳنڌ سان شاعرن جي گهڻي دل آهي، پر شاه لطيف جي لاءِ ٻٽر مڙيوئي بوءِ آهي.<br>- سرهاڻ |

حوالي ۾ اهو حوالو آڻبو جيڪو وسيلن تان نقل ڪيل مواد جي سڃاڻپ ڪرائي سگهي. هن حالت ۾ فوٽ نوٽ ۾ هي ڳالهيون اينديون:

(١) اهم ۽ ضروري مواد پر جيڪو موضوع سان سڌوسنئون تعلق نه رکي.

(٢) ڪا به حقيقت جنهن جو تعلق عام معلومات سان هجي.

(٣) راءِ جيڪا ٻئي عالم تان ورتل هجي پر ان جو استعمال مسودي ۾ ضروري نه هجي.

ڪنهن نقطي جي وڏيڪ تشريح جيڪا مسودي ۾ ڏيڻ ضروري نه هجي.

فوٽ نوٽ جو طريقو سڀني ڪتاب ۾ هڪ ئي ڪم آڻڻ گهرجي.

حوالي ڪي فوٽ نوٽ ۾ لکبو ته هيٺيون ڳالهيون خيال ۾ رکبيون:

(١) مصنف جو نالو سڌوسنئون لکبو يعني پورو نالو اڳي نه ايندو.

(٢) ڪتاب جي نالي يا مخزن يا رسالي جي نالي هيٺان ليڪ ڏبي.

(٣) هن حالت ۾ ڪنهن شعر، ننڍي مضمون يا مقالي ڪي به ڪتاب جيان لکبو.

(٤) رسالي ۾ آيل مضمون جي سرخي ڪي واڪ جي نشانين ۾ آڻبو

(٥) ڪنهن ڳالهه ڪي فوٽ نوٽ ۾ ٻيهر پيرو آڻبو ته ان جي حوالياتي معلومات سڀني ساري ڏبي ان ڪان پوءِ معلومات مختصر ڏبي.

(٥) ڪتابن ڪي حوالي ۾ آڻڻ جا نمونا

هڪڙو مصنف هجي ته:

مصنف جو نالو، ڪتاب جو پورو نالو، شايع ٿيڻ جو هنڌ، اشاعتي ادارو، اشاعت جو سن، صفحو، نمبر.

هڪ کان وڌيڪ مصنف هجن ته:

مصنفن جا نالا (نالن جي وچ ۾ "۽" ڪم آڻجي)، ڪتاب جو پورو نالو، شايع ٿيڻ جو هنڌ، اشاعتي ادارو، سن، صفحو نمبر.

ترجمي جي حالت ۾:

مصنف جو نالو، ڪتاب جو نالو، (لفظ) (تر) مترجم جو نالو، اشاعت جو هنڌ، اشاعتي ادارو، سن. (تر = ترجمو)

جدا جدا مضمونن واري ڪتاب تان حوالو وٺبو ته فوٽ نوٽ هيٺئن لکبو:

مضمون نويس جو نالو: مضمون جو عنوان، (واڪ جي نشانين ۾) ڪتاب جو نالو، ايڊيٽر جو نالو، اشاعت جو هنڌ، اشاعتي ادارو، سن، صفحو، نمبر.

ايڊيٽر جي سڄي لفظ لاءِ سنڌيءَ ۾ "ايڊ" جو لفظ ڪم آڻجي.

رسالي مان حوالي وٺڻ جي حالت ۾ نوٽ:

مضمون نويس جو نالو، مضمون جو عنوان (واڪ جي نشانين ۾) رسالي جو نالو، نمبر ۽ جلد، مهينو سن، صفحو، نمبر، پر جي رسالو ماهوار نه هجي ته ماهي هجي ته پوءِ جلد ۽ نمبر سان گڏ موسم به ڏجي.

جيڪڏهن ساڳيو حوالو ٻيهر پر اتي جو اتي ڏيڻو پوي ته سنڌيءَ ۾ لفظ "ساڳيو" ڪم آڻجي. فوٽ نوٽ

## (٦) سنڌيءَ ۾ لفظن جي نشانين جو مسئلو

انگريزي ۽ لاطيني ٻولين ۾ وڏن لفظن جي بجاءِ مقرر ٿيل ننڍا لفظ ڪم آڻبا آهن. اسان هيٺ هڪ چارٽ ۾ اهڙا انگريزي — لاطيني ۽ سنڌي لفظ ۽ انهن جا ننڍا نمونا (Short forms) ڏئي رهيا آهيون.

| انگريزي ۽ لاطينيءَ جو پورو لفظ | ان جو ننڍو نمونو | سنڌيءَ جو لفظ | ان جو ننڍو نمونو |
|---|---|---|---|
| Circa (اٽڪل روه تاريخ) | C | تاريخ | تا. |
| Confer (ڏسجي) | C f | ڏسجي | ڏِسْ |
| Chaps (ٻاڱا) | Ch | ٻاڱا | ٻا. |
| Cols (ڪالم) | Col | ڪالم | ڪا. |
| Edition or Edited by (جلد) | ed | ايڊيشن يا ايڊيٽر | ايڊ. |
| And others (۽ ٻيا) | et al | ۽ ٻيا | ٻيا. |
| One or more Pages following the indicated page. (اڳتي) | f or ff | هن کان اڳتي ، | اڳ. |

نوٽ: انگريزيءَ ۾ لفظ Ibidem ڪم آڻبو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”ساڳيءَ جاءِ تي“ انگريزيءَ جي لفظ جـي لاءِ مخفف Ibid ڪم آڻبو آهي.

| انگريزي ۽ لاطينيءَ جو پورو لفظ | ان جو ننڍو نمونو | سنڌيءَ جو لفظ | ان جو ننڍو نمونو |
|---|---|---|---|
| Ibidem (ساڳيءَ جاءِ تي) | Ibid | ساڳيءَ جاءِ تي | ساڳيو. |
| Below (جيئن اڳتي اچي ٿو) | infra | جيئن اڳتي اچي ٿو | هيٺ. |
| Loco Citato (جيئن مٿي آيو آهي) | Loc. cit. | جيئن مٿي آيو آهي | مٿي. |
| Man Script (مسودو) | s M | مسودو | مس. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| No date (تاريخ لکيل ڪانهي) | N.d. | تاريخ لکيل ڪانهي | تا؟ |
| Number (نمبر) | No. | نمبر | نم۔ |
| Opere citato (ساڳئي ڪتاب ۾) | op. cit | ساڳئي ڪتاب ۾ | ڪتاب۔ |
| Page or Pages (صفحو يا صفحا) | Por. PP | صفحو يا صفحا | ص، ص ص |
| Passim (جدا جدا جاين تي) | Passim | جدا جدا جاين تي | جدا جاء۔ |
| Quod Vide (اتي ئي ڏسجي) | q.v | ڏسجي | ڏسجي۔ |
| Sequentes (هيٺ) | Seq. | هيٺ | هيٺ۔ |
| Supra (مٿي) | Supra | مٿي | مٿي۔ |
| Trans (مترجم) | Tr. | مترجم | تره۔ |
| Volumes (جلد) | Vol. Vols | جلد | جلد |

(۷) رهنما اصول

آخري طور تي إسان ڪن اهڙن اصولن جو هڪ ئي جاء تي بيان ڪريون ٿا، جن کي ڏسڻ ۽ انهن جو خيال رکڻ هر محقق جي لاء ضروري آهي۔

(۱) هر هڪ باب جو مخصوص عنوان۔

(۲) استدلال ۽ ان جا نتيجا۔ (لکيل صورت ۾)

(۳) نيون حقيقتون، جيڪي پنهنجي طرفان ڏنيون ويئون آهن (تحريري صورت ۾)۔

(٤) ٻين ساڻن اختلاف جي حالت ۾ دليل ۽ شاهديون.
(٥) سڄي ڪتاب جي جوڙ جڪ ۾ سلسلو.
(٦) طرز تحرير جي موزونيت، واڪ جون نشانيون.
(٧) مهاڳ جو جامع ۽ مختصر هجڻ.
(٨) ٻنا جي موزونيت.
(٩) حوالن ۽ فوٽ نوٽن جو هڪجهڙو طريقو.
(١٠) حوالياتي مواد جو پورو پورو ذڪر (Bibliography)

وڌيڪ ايماس جي لاءِ ڪن ڪتابن جا نالا:

(1) Albaugh, Ralph M. "Thesis Writing."
(2) Beveridge, W. I. B. "The Art of Scientific Investigation."
(3) Compbell, William G. "Form and Style in thesis writing."
(4) Festenget, Leon and Daniel Katz. "Research Methods in Behavioural Sicences."
(5) Gee, Wilson. "Social Science Research Methods."

ڏي ممڪن آهي.

(vii) نتيجا جيڪي به نڪرن تن کي ٻيهر آزمائڻ ضروري آهي ۽ ان حالت ۾ هڪ دفعو سڄو سلسلو (Process) وري دهرائڻو آهي.

ڏسجي ٿو تہ تحقيق جي حالت ۾ هي ڳالهيون جيڪي طبعي سائنس سان تعلق رکن ٿيون تن جو اطلاق علوم سماجيءَ تي بہ جنهن حد تائين ممڪن هجي ڪيو وڃي ۽ ڪرڻو آهي.

(٤) ٻہ وڏا اصول (ڪُلي ۽ جُزي حقيقتون)

هڪ تصور کان گهڻن تصورن تائين پهچڻ (Inductionism) ۽ گهڻن تصورن کان هڪ تصور تائين پهچڻ (Deductionism) جا بہ منطقي طريقا علوم سماجيءَ ۾ بہ اختيار ڪرڻا آهن.

هن ڳالهہ کي هيٺئن سمجهي سگهجي ٿو تہ:

ڪي حقيقتون زماني، تاريخ حالتن ۽ واقعن جي روشنيءَ ۾ آزمايل، دهرايل ۽ مڃيل ٿين ٿيون. اهڙين حقيقتن مان جيڪڏهن هڪڙيءَ کي بنياد بڻائي مطالعو ۽ جائزو اختيار ڪبو تہ ان جهڙيون ٻيون ڪيئي حقيقتون بہ معلوم ٿي سگهن ٿيون. هن اصول کي (Induction) "انڊڪشن" چيو ٿو وڃي. هي بہ منطق جو هڪ اصول يا قانون آهي.

هن طرح گهڻيون لاڳاپيدار ۽ هڪ جهڙائي رکندڙ حقيقتون معلوم ڪري پوءِ انهن جي روشنيءَ ۾ مستقل هڪ جهڙائيءَ جي بنياد تي هڪ واحد حقيقت معلوم ڪجي تہ اُهو بہ منطق جو هڪ اصول آهي جنهن کي (Deduction) "ڊڊڪشن" ٿو چئجي. واحد حقيقت کي "ڪل" ٿو چئجي ۽ گهڻن هڪ جهڙن تصورن تي ٻڌل حقيقتن مان هرهڪ کي "جُز" ٿو چئجي. هن طرح "جُز" کان ڪل تائين وڃبو تہ اهو "جزي" طريقو چئبو پر جي ڪل کان جز تائين وڃبو تہ اهو ڪلي طريقو چئبو. هيءَ ڳالهہ بہ طبعي حياتياتي توڙي سماجي علوم سڀني تي هڪ جهڙي لاڳو آهي.

استدلال ۾ بہ هي ٻئي طريقا ڪم اچن ٿا. هن قسم جي استدلال کي منطقي يا عقلي استدلال چيو ٿو وڃي. ”علم ڪلام“ جو بنياد هنن ٻن اصولن تي رکيو ويو هو. اصل ۾ هي طريقا يونان جي منطق تي ٻڌل آهن ۽ ارسطو هنن طريقن جو ماهر ليکيو ويندو هو پر مسلمانن هنن طريقن جي سائنسي ”طرزِ عمل“ کي سمجهائڻ ۽ اختيار ڪرڻ ۾ تمام وڏو ڪم ڪيو.

(نوٽ. جزُ کي انگريزيءَ ۾ پرٽيڪيولر (Particular) ۽ ڪل کي انگريزيءَ ۾ يونيورسل (Universal) ٿو چئجي).

هن طرح جو منطق گهڻن تصورن کي چنڊي ڇاڻي يا انهن تي استدلال ڪري ڪنهن بہ هڪ مستقل قانون يا نتيجي تي پهچڻ جي لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. هن حالت ۾ تصور کي ايگزيم (Axiom) ٿو چئجي.

(۵) مسلم تصور

هن حالت ۾ مسلم تصور (Axiom) جي باري ۾ ياد ڪرڻ گهرجي تہ:

(i) مسلم تصور آهي اهڃاڻ آهن جن سان سائنس پنهنجو ڪم ڪري ٿي. هن جو مطلب تہ مسلم تصور سائنس جا اهي اوزار آهن جن کي لسانياتي اوزار چيو ٿو وڃي. اهي اوزار جهڙا طبعي حياتياتي تحقيق تي ڪم ڪن ٿا تهڙائي سماجي علوم ۾.

(ii) هن قسم جا تصور تڏهن ٿا حاصل ٿين جڏهن انسان محقق پنهنجين انفرادي امهدن تي لت ٿو ڏئي، پنهنجين خواهشن کي لتاڙي ٿو ڇڏي ۽ پنهنجي وجدان جي دنيا جا دروازا بہ هميشه لاءِ بند ڪري ٿو ڇڏي. انهيءَ ڪري سائنسي طريقي جا نتيجا ڏکوئيندڙ بہ ٿين ٿا جو هن حالت ۾ ”ڪوڙن بتن“ False idols کي قتل ڪرڻو ٿو پوي. اها ڳالهہ تصوراتي ادب ۽ شاعريءَ ۾ ممڪن ئي نہ آهي، جنهن اسان سمجهون ٿا.

هن طرح هڪ محقق بہ هڪ ”بت شڪن“ ۽ سچو مؤمن

علوم ۾ به مادي ۽ طبعي حقيقتن جيان ايتريون پختيون آهن جو انهن جي بنياد تي نظريا ٻڌايا ويا آهن ۽ نظريا مقرر ڪري سگهجن ٿا.

اهڙن سماجي علمن ۾ نفسيات، معاشيات، تاريخ، جاگرافي، علم شهريت، سياسيات، رٿابندي، فلسفو، منطق ۽ ٻيا ڪيترائي علم شامل آهن.

ڪن ملڪن ۾ لسانيات ۽ ادب تي تحقيق ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن ماڊل ۽ سائنسي طريقن جي تلاش ڪئي پئي وڃي. پاڪستان جي يونيورسٽين ۾ به اهو مسئلو موجود آهي ته ٻولي ۽ ادب تي تحقيق جي لاءِ ماڊل ڪيئن هٿ ڪجي ۽ ان تحقيق جو بنياد سائنس تي ڪيئن رکجي. البت هن باري ۾ ڪنهن مضمون جي وسيلي معلومات نه ملي آهي.

اسان هي مضمون انهيءَ سوال کي خيال ۾ رکي لکي رهيا آهيون جيئن اسان مٿي ڏنو آهي. سائنس ڪو علم جي ڪنهن ڊير يا پنڊار جو نالو نه آهي. ان ڪري سائنسي تحقيق جو مقصد آهي اهڙو رويو اختيار ڪرڻ جنهن ۾ سائنسي اخلاقيات، سائنسي طريقي ۽ سائنسي سوچ جي لوازمات (Implications) جي ڀڃڪڙي نه ٿئي.

هن طرح ادب توڙي لسانيات جي تحقيق ۾ به اسان کي سائنسي اخلاقيات کي خيال ۾ رکڻو پوندو. جيڪڏهن اسان سائنس جي مقرر شده اصولن جي پابندي ڪنداسون ته اسان لاءِ عقلي ۽ منطقي طور تي تسليم شده سوال قانون جي حيثيت رکندا هن طرح مفروضي جي چونڊ، ان جي باري ۾ "ڪچي مواد" (data) گڏ ڪرڻ جا طريقا وري ان ڊيٽا مان نمونن (Samples) جي چونڊ وري انهن نمونن مان پنهنجي مفروضي سان تعلق رکندڙ نمونن جي چونڊ وري انهيءَ طرح هڪ گهربل نموني جي مقرري ۽ ان کان پوءِ ان خاص ۾ گهربل نموني (Trend) ۽ (Sample) سان هڪجهڙا تصور (Concepts) کولي لهڻ ۽ انهن جي بنياد تي هڪ جهڙائيءَ (Generalization) کي تحريري صورت ڏيڻ سان هن قسم جي تحقيق کي سائنسي تحقيق چئي سگهبو.

تحقيق جو ڪو اسلوب اختيار ڪيو ويو آهي ۽ نہ استدلال ڪيو ويو آهي، نہ سوال اٿاريو ويو آهي، نہ جواب ڏنو ويو آهي ۽ نہ نتيجا ڪڍيا ويا آهن ۽ نہ نتيجن جي وڏيڪ ڇنڊ ڇاڻ ڪري نتيجن مان نتيجا ڪڍيا ويا آهن ۽ نہ ئي ڪنهن عقلي ۽ قابل عمل اصول تائين پهچڻ ۾ مدد ڪئي وئي آهي.

(نوٽ. هڪڙي علم سڳوري منهنجي ڪتاب تي تنقيد ڪندي چيو تہ هن ڪتاب جو هڪڙو عيب تہ اِهو آهي جو نتيجن مان بہ وڌيڪ نتيجا ڪڍيا ويا آهن. مون کي خوشي رڳو انهيءَ ڪري ٿي جو منهنجي معلومات ۾ اهو اضافو ٿيو تہ جنهن سڄي عمر رڳو ڪتاب ئي لکيا ۽ پڙهيا آهن انهيءَ کي ايترو بہ معلوم نہ آهي تہ اڳواٽ معلوم ڪيل نتيجن کي بہ چئلينج ڪرڻ جو ڪم تحقيق جي تقاضا آهي. مصنف)

اِهو بہ ڏٺو ويندو تہ ڪنهن بہ ڪتاب "ڇو؟" ۽ "ڪيئن" جو ڪو جواب ڪونہ ڏنو آهي. انهيءَ ڪري اهڙي ڪنهن بہ مقالي مان ڪو اهڙو نتيجو حاصل ڪونہ ٿيو آهي جنهن کي سماجي علوم جي تحقيق جي سوال تي عملي طور تي اختيار ڪري سگهجي. ان ڪري اهڙن مقالن کي عملي تحقيق (Applied Research) ۾ شامل ڪري نہ ٿو سگهجي.

اهڙن مقالن تي تنقيد ڪندي جناب لينڊ (Lynd) صاحب لکي ٿو "آخر اهڙو علم ڪهڙي ڪم جو، جو ان مان ڪابہ عملي ڳالهہ يا ڪا اهڙي ڳالهہ جنهن کي عملي ڪارج هجي حاصل ڪانہ ٿي سگهي؟ جيڪڏهن آهي مقالا سماجي سوالن ۽ مسئلن جي باري ۾ موزون حل ڏئي نہ ٿا سگهن تہ پوءِ آهي ڪنهن بہ ڪم جا نہ آهن." (٩)

خبر ناهي اسان هن صاحب جي تنقيد جو جواب ڪهڙو ڏئي ٿا سگهون پر اسان جناب ڊڪسيءَ جي نقطي تي همت هارڻ لاءِ تيار نہ آهيون.

آخر روسيو، جان اسٽوئارٽ مل ۽ جناب ڊيوي بہ تہ عمراني

بهرحال هن باب کي ختم ڪرڻ کان اڳ هڪڙي ڳالهه، لکڻ ضروري ٿي سمجهه ۾ اچي ۽ اُها آهي تحقيق ڪرڻ واري جي لاءِ صلاح.

منهنجا سائين! توهان لاءِ پهو ڪجهه نه ته به ايترو ضروري آهي ته:

(١) فطرت جي سچائيءَ تي ڀروسو مڪمل رکو ۽ پاڻ به اهڙا سچار رهو.

(٢) هميشه سچا ڳپ رهو، دل مِن جا دروازا سڀ کليل رکو.

(٣) اهڙي همت جا صاحب رهو جو جيڪي اصول اٽل هجن تن ۾ ٿي ايمان آڻي انهن کي نه رڳو قبول ڪريو پر انهن جي باري ۾ ڳالهائي به سگهو ۽ انهن جي تبديل جي امڪان کي به اٽل سمجهو.

(٤) ان وقت همت جو مظاهرو ڪريو جڏهن توهان جي آسپاس رهڻ وارا توهان کي نا اهل، نالائق، غيرمقبول، غير عملي ۽ غير ضروري سمجهن ۽ توهان جي زندگيءَ کي ڏي خطري ۾ وجهي ڇڏين.

---

## حوالا


1. Einstetn and Infled, "The Evaluation of Physics" N. Y. 1938 P. 280.
2. Thompson Sir, J. A. "Introduction to Science" Geoffery Cuberlege, Oxford University Press, (Reprinted in India) P. 27.
3. Schroeniger, "Mind and Matter" Cambridge, 1958, P. 37.
4. Gupta, "Science, Technology and Society in the modern age" Aganta Dehli (Delhi) 1977.

5. Webster, "Educational Dictionary."
6. Encyclopedia of Social Sciences Vol. ix Mac-Millan. 1930. (From the Article of D. Slesinger and M. Stephen son. on "Social Science" Wilkinson and Bhandarkar
7. "Technique of Research" Himalia Publishing House, 2nd Edition, 1979. P 9 - 13 (Adopted).
8. Dewey. J. "Reconstruction in Philosophy" Mentor, 1952. P. 121.
9. R. S. Lynd. "Knowledge for what"
10. Thompson. Sir.J.A. "Introduction to Science" Geoffery Comberledge O,U P .(Reprinted in India) P. 185.

آخري عرض

# بنيادي تحقيق

تحقيق جي ادارن ۾ عام طور تي اهو سوال اٿاريو ويندو آهي ته ڪنهن به هڪ موضوع تي اصلي ۽ بنيادي تحقيق ڪرڻ وارو ڪير آهي. اصلي ۽ بنيادي (Original) تحقيق جي اهميت ظاهر آهي. اهو ماڻهو، جيڪو ڪنهن به هڪ موضوع تي پهرئين تحقيق ڪري ٿو، سو چڻ ته دنيا جي علمي خزاني ۾ هڪ وڏيڪ هيرو جمع ڪري ٿو. اهو ماڻهو پنهنجي موضوع جو پرچارڪ ٿو بڻجي ۽ وڏيڪ تحقيق جي باري ۾ انهيءَ ماڻهوءَ کي ۽ ان جي تحقيق کي بنيادي وسيلن ۾ شامل ڪيو ٿو وڃي. علمي دنيا ۾ هن قسم جو اعزاز ڪو معمولي اعزاز نه آهي. ڊارون، ڪاپرنيڪس ۽ ٻين جي علمي فضيلت رڳو انهيءَ ڪري آهي، جو انهن تحقيق جي باري ۾ هڪ نئون ڪم ڪيو.

بنيادي تحقيق سان لاڳو ڪي سوال هي به ٿين ٿا ته جيڪڏهن ڪنهن به هڪ موضوع تي ساڳئي وقت ٻه محقق ڪم ڪندا هجن ۽ ٻنهي جي تحقيق جا نتيجا به هڪجهڙا هجن پر شايع ٿيڻ جي حالت ۾ هڪ جي تحقيق ٻئي جي تحقيق کان اڳ شايع ٿئي ته بنيادي تحقيق جو باني يا بانيڪار ڪنهن کي سمجهجي؟

ٻيو سوال هن باري ۾ هي ٿو پيدا ٿئي ته بانيڪار تحقيق ڪندڙ جي ڪم شايع ٿيڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو ٻيو ساڳئي سوال تي تحقيق ڪري ۽ پهرئين محقق کان بهتر نتيجا ڪڍي ۽ تحقيق جو معيار به بهتر رکي ته بهتر محقق ڪنهن کي سمجهجي؟

ڏٺو ويندو ته هنن سوالن جو جواب تاريخن ۽ انگن اکرن جي مدد سان ڏئي نه ٿو سگهجي. هنن سوالن جو تعلق تحقيق جي

جي تحقيقي خدمات جو تجزيو؟

١١. پروفيسر جتوئي جون علمي خدمتون؟

١٢. ڊاڪٽرالانا جي نظر هيٺ ٿيل تحقيقي ڪم جو تجزيو؟

١٣. سنڌ ۾ ٿيل تحقيقي ڪم تي نظر رکي بحث ڪرڻو آهي ته مٿي ڏيکاريل محققن مان هر هڪ، خيال، علم، ٽيڪنيڪ، ترتيب، تحقيقي اخلاقيات ۽ ٻوليءَ جي ميدانن تي ڪهڙا اضافا ڪيا آهن؟ هنن سوالن جي موزون جوابن جي مدد سان اسان بنيادي تحقيق جي سوال تي وڏيڪ اعتماد سان سوچي سگهون ٿا يا وڏيڪ سوچي سگهنداسون.

هن دور کان پوءِ مرحوم ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، ڊاڪٽر غلام نبي سدايي، ڊاڪٽر ممتاز بخاريءَ، ڊاڪٽر حبيب الله مرزا، ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ۽ گهڻو اڳاڻو ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جو تحقيقي ڪم اڳيان آيو آهي.

هن طرح اسان جي لاءِ تحقيق جي هنن ڪمن سان اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته هنن جي معيار جو اڀياس ڪيو وڃي ۽ اهو به ڏٺو وڃي ته اڳتي ڪهڙا موضوع تحقيق لاءِ رکڻ گهرجن. اميد آهي ته اسان جا ادارا وڏيڪ سڌريل تحقيق لاءِ محنت ڪندا.

## مددگار ڪتابن جي هڪ فهرست


1. Hill Way, Introduction to Research. Houghton Mifflin, Company.
2. Guth, H and P. Words and Ideas (2nd Ed.) Wards Worth Publishing INC.
3. Best, John, W. Research in Education. Printice-Hall of India (Pvt. Ltd).
4. Inscher; Willim, F. Ways of Writing. Mc Graw, Hill Book Co.
5. Stone and Bell. Prose Style, A Hand Book (Book for writers Sec:Ed)
6. George Shelton Hubbel Writing Term Papers and Reports.
7. EmileW. Menzel, How to Study O.U.P.


## حوالا


1. Broom and Selznick, Sociology a text with Adopted Readings. Row Peterson and Co. N.y. 1958. P 4.
2. Webster's New Eng; Dictionary of English Language Sec: Ed: un Abridged, Spring Field, Mass. G and C Merriam Co; 1957.
3. The American Heretage School Dictionary. A.H Publishing Co. INC N.Y. 1972. P. 476
4. Tyruns, Hill Way. Introduction to Research. Houghton Miflin Co: The Cambridge Press Camb- 1956. P. 5.
5. Ibid. P. 5.
6. Donald Slesinger and Mary Stephenson I M "Research" (article) Encyclopedia of Social Sciences Vol xiii – xiv

The Mac Millan Co. N.Y. 1950, P. 330.
7. (See) Tyruns Hill Way "Introduction to Research" P. 45.
8. Article Research Encyclopedia of Social Sciences Vol xiii - xiv 1950. P. 331.
9. (See) Fracis Darwin Ed. The Life and Letters of Charles Darwin 2 Vols. N.Y. Appleton and Co. 1899. Vol I. P 68.
10. Hill Way Introduction to Research, 1956. P. 4.
11. Ibid. P. 12.
12. Ibid P. 12.
13. Ibid P. 58 - 62.
14. John Dewey, How we Think. Heath and Co. Boston De. 1933. P. 9.
15. Reader's Digest. Writebetter speak Better. Reader's Digest Aisa Ltd: 1973. P.147.

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، پاڙي، ڪاٺُو، پاڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَــنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَــنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَــنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمل مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کين بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوي، چالاڪ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)